سنڌي اخبار نويسي

ليکڪ :موتيرام رامچنداڻي

راشٽريه هفتيوار پريم

RASHTRIYA-PREM WEEKLY

هندستان

هندو زندگي سماچار

هندواسي چئلينج

جهولي لال

مهراڻ

هندو پومي

سنت ڪنورر ا

سنڌي ٽائيمس

سنڌي اخبار نويسي

موتيرام رامچنداڻي

•

سال ٢٠٠٩

ڪجھہ پنھنجي طرفان...

ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ اخبار فقط سماچار ڏيڻ جو هڪ ساڌن نہ آهي پر اخبار لوڪشاهيءَ جو چوٿون ٿنڀو، ديش جي درسني ۽ سماج جو آئينو آهي ۽ قلم کي ايڏي تہ طاقت هوندي آهي جو اخبارون حڪمرانن کي صحيح دِشا ڏيکاري ۽ سماج مان ڪُريتيون ۽ گندگيون ڪڍي سماج کي گنگا جل جيان پوتر ۽ پاڪ بڻائي ڇڏينديون آهن ۽ اخبارون پنھنجي قلم جي نوڪ سان حڪومتون پڻ بدلي ڇڏينديون آهن. انڪري ئي ائين چيو ويندو آهي تہ قلم جي ڌار ۾ تلوار جي ڌار کان پڻ وڌيڪ تيز ۽ تکو اثر هوندو آهي.

ان ڪري ئي ڪنھن شاعر چيو آهي تہ ”جب دشمن هو مخاطب آپڪي، تو نہ بندوق اُٺائو اؤر نہ تلوار نڪالو، بس فقط ايڪ اخبار نڪالو مگر لکو تہ ائسا لکو ڪِ قلم پي ڪانپني لگہ جاءِ اؤر لکني ۾ اثر هو اِتنا ڪِ پڙهني والي ڪو رونا آ جاءِ.“

اِها پڻ هڪ حقيقت آهي تہ ڪابہ معياري سنڌي اخبار (ريگيولر) نيمت روپ سان ڪڍڻ ۽ پاٺڪن تائين پهچائڻ لاءِ هرروز چار-ڇهہ ڪلاڪ لڳڻ ۽ اُن اخبار ۾ سهڻا سمپادڪيہ ليکہ لکي ۽ اخبار کي سٺين رچنائن سان سجائڻ ۽ سينگارڻ جيئن اُها اخبار پاٺڪن کي پسند اچي سچ پچ اهو ڪم ڏاڍو ڏکيو آهي. ائين ڪٿي چئجي تہ ”اخبار هلائڻ هڪ مکڻ جي شيخ پچائڻ جي مثل آهي.“

اسان جي ديش جي آزاديءَ ۾ پڻ انگريزي، هندي ۽ ٻين ڀاشائن سان گڏ سنڌي اخبارن جو پڻ ڪافي يوگدان آهي. ديش جي آزاديءَ لاءِ لڙندڙ ۽ جيلن ۾ سڙندڙ گانڌي، گوکلي، تلڪ سان گڏ اسان جي سنڌي نوجوانن دڪايل، ويرومل بيگراج، ٻلديو گاجرا، جئرامداس دؤلترام، لوڪ شرما ۽ وشنو شرما جهڙن ڪيترن اخبار نويسن آزاديءَ جي آندولن ۾ ڪافي پاٺ پتوڙيو ۽ فرنگين جي خلاف لکي ۽ اُنهن جي ڪارن ڪارنامن جي اوگهڙ ڪري انگريز سرڪار کي ڏوڏي ڇڏيو هو جن کي آخر اسان جي ديش مان پڇڙو پيو ۽ ڀارت کي آزاد ڪرڻو پيو.

مون پڻ اڄ کان ٢٣ سال ڀهرين جنوري سنہ ١٩٨٧ ۾ دل ٻڌي ۽ همت ڪري هن ٻرندڙ باهہ ۾ ٽپو ڏنو ۽ ”راشٽريہ پريم“ (هفتيوار) اخبار جي شروعات ڪئي. پر اخبار شروع ڪرڻ ۽ اخبار جو (ٽائيٽل) نالي هٿ ڪرڻ ۾ پڻ مونکي سچ پچ لوهہ جا چڻا چٻائڻا پيا، دهليءَ جا ڪافي چڪر لڳائڻا پيا ۽ دهليءَ جهڙي ڀيڙڀاڙ واري شهر ۾ بسين ۽ آفيسن جا جڏهن ڌڪا ڪاڌا تڏهن وڃي اخبار جو ٽائيٽل يعني نالو

سنڌي اخبارنويسي

ليکڪ : موتيرام رامچنداڻي

سال : 2009ع

قيمت : 80 روپيه

ڇپائيندڙ : موتيرام رامچنداڻي

14/1، اي-وارڊ، نيو بنگلا ايريا،

سهجپور بوگها، احمدآباد-382345.

فون : 079-22816290 موبائيل : 9924064046

ڇپيندڙ : اسڪين ڪمپيوٽرس،

3، راڌيشيام اپارٽمينٽ،

پاٽيا، نروڙا روڊ، احمدآباد-382340.

فون : 30246776 موبائيل : 9327007002

Sindhi Akhbar Navesi

(Sindhi Journalism)

Writer : Motiram Ramchandani

Year : 2009

Price : Rs. 80/-

Publisher : Motiram Ramchandani 'Baghi'
14/1, A-Ward, New Bunglow Area,
Sahijpur Bogha, Ahmedabad-382345.
Phone : 079-22816290 (M) 9924064046

Pritner : Scan Computers
3, Radhyshyam
Apartment, Patia,
Naroda Road,
Ahmedabad-382340.
Phone : 30246776 Mobile : 9327007002

Published with the finincial Aid of Sindhi Sahitya Academy,
Gujarat State, Ghandhinagar

قلمڪار موتيرام اديبن جي نظر ۾....

پيارا دادا شري رامچنداڻي،

توهان جو لکيل ڪتاب ”مهڪندڙ موتي“ پڙهيم ۽ ڏاڍو وڻيو. اسان جي آل انڊيا ڪئنارا بئنڪ ايمپلائيز سنڌي سيا طرفان مخزن ”سمپتي“ جو جلد ئي وموچن ڪيو ويندو ان ۾ اسان ڪي هن ڪتاب مان ڪا رچنا ڇپڻ جي قبوليت ڏيندا.

خوبو ماڪيجاڻي (اُلهاسنگر)

يار موتيرام،

اڄ مان توهان جو ”ٻهڪندڙ موتي“ ڪٺي ”ڪتي آيو انعام مڪي مرچومل“ پڙهيم. خود تي عجب لڳم ته مان ايترو ته گنيير سياءَ جو آهيان جو مون لاءِ ٺهڪ ڏيئي کلڻ ناممڪن نه ته مشڪل ضرور آهي. مان پورو فقرو پڙهندي چار ٺهڪ ڏنا ۽ عبرت ۾ پئجي ويس ته مون ٺهڪ پريا ڇا؟ جنهن لاءِ توهان کي واڌايون ۽ داد ٿو ڏيان ته توهانجي مذاق ۾ دم آهي.

پڳوانداس دولتاڻي ’هوش‘ (احمدآباد)

مانوارا سائين موتيرام،

اوهانجي سڪ پري سوکڙي ”ٻهڪندڙ موتي“ مذاقيه ليکن جو مجموعو اڄ پڙهي پورو ڪيم. عرصي بعد کلڻ جو موقعو مليو اٿم. هونئن ته پڇ پڇان واري حياتيءَ ۾ پيا ڦيرا پائيندا آهيون اهڙي سميه ۾ هاسيه پستڪ اتفاق سان هٿ لڳي وڃي ته ڪيا بات هئه. ايشور اوهان جي قلم ۾ اهڙي شڪتي آڻي جو اسين هردم کلندا رهون.

نيازوند وليرام ڪشناڻي (گانڌيڌام)

پيارا ڀاءُ موتيرام،

اوهانجي تازي ساهتيڪ سوکڙي ”ڇمڪندڙ موتي“ پهتي. ”گهمڻ مل جو گونگهٽ“ ۽ ”وڏيري جي زناني ٽڪيٽ“ خوب وڻيا. سنڌيءَ ۾ هاسيه ساهتيه جي اڻاٺ ۾ اوهانجو پستڪ هڪ سٺو اضافو آهي.

ڪيرت ٻاٻاڻي (ممبئي)

نصيب ٿيو ۽ اُن وقت ئي مونکي اخبار هلائڻ جي تڪليفن جو احساس ٿيڻ شروع ٿيو ليڪن مون پنهنجو جسو، جنون ۽ جوش پورو ڪري پنهنجي ”راشٽريہ پريم“ اخبار شروع ڪئي ۽ مون پنهنجي جيون جا پورا ٢٢ سال اخبار نويسيءَ کي هڪ پوتر پيشو سمجهي ڪري هلايو آهي ۽ اجا پڻ هلايان پيو ۽ راتيون جاڳي سهڻا سمپادڪيہ ڪالم، ڪجليءَ جهڙا مذاقيہ ليک تہ ”سنڌي ۽ سنڌيت“ جهڙا مهتوپورڻ آرٽيڪل پنهنجي اخبار ۾ ڇپي پنهنجي يٿاشڪتيءَ انوسار سنڌي سماج جي شيوا ڪئي آهي ۽ پاٺڪن کي وندرايو آهي ۽ اجا پڻ اِهو ڪم جاري آهي جنهن سبب تازو منهنجين شيوائن جو قدر ڪندي سال ٢٠٠٩ ۾ ساهت سڀا طرفان مونکي ”برکہ اخبار نويس“ جو ١١ هزارن جو انعام پڻ مليو آهي.

مونکي اِها پڻ خوشي آهي تہ مان هڪ اخبار نويس ۽ پترڪار هئڻ سان گڏوگڏ هڪ ليکڪ ۽ شاعر پڻ آهيان ۽ هن کان اڳ ۾ منهنجا ڇهہ مذاقيہ مضمونن جا ڪتاب ”مهڪندڙ موتي“، ”ٽهڪندڙ موتي“، ”چمڪندڙ موتي“، ”اڻلڀ موتي“، ”انمول موتي“ ۽ ”ڪجلي“ سان گڏوگڏ هڪ ڪويتائن جو ڪتاب ”سورن سنڌي سوغات“ پڻ ڇپجي چڪا آهن جن کي پاٺڪن خوب پسند ڪيو آهي ۽ ساراهيو آهي ۽ هنن ڪتابن مان ڪترن ڪتابن تي گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاديميءَ طرفان انعام پڻ ملي چڪا آهن جن ۾ تازو ”ڪجلي“ ڪتاب کي پڻ گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاديميءَ طرفان گجرات جي مانيہ منتري شري فقيرڀائي واگهيلا جي مبارڪ هٿن سان انعام ڏنو ويو آهي.

هن سهڻي ۽ ڪارائتي ڪتاب لکڻ ۾ مان گجرات سنڌي ساهتيہ اڪاديميءَ طرفان مالي مدد ڪرڻ ۽ پنهنجي خاص دوست ڊاڪٽر جيٺي لالوائيءَ دوارا هر قسم جو سهڪار ڏيڻ لاءِ مان هنن جو تهدل شڪرگذار آهيان.

اُميد تہ هي سندر ۽ سهڻو ڪتاب ”سنڌي اخبار نويسي“ پڻ منهنجن ٻين لکيل ڪتابن وانگر پاٺڪن ۽ پترڪارن کي پسند ايندو ۽ هوُ منهنجي همٿ افزائي ڪندا.

ايشور کي اِها ئي آراڌنا آهي تہ پنهنجي جيون جا باقي رهيل پل پڻ هن ريت ريگيولر نموني ۾ اخبار هلائڻ ۽ اجا پڻ ٻيا بہ کي سهڻا ۽ سٺا ڪتاب لکي سنڌي سماج ۽ سنڌي ساهتيہ جي شيوا ڪرڻ ۾ پورا ڪريان.

هن ڪتاب ۾ جيڪي فوٽو ڏنل آهن اُهي تمام گهڻا پراڻا هئڻ سبب اُنهن جي پرنٽنگ ڪجهہ جهڪي آيل آهي جنهن لاءِ دلگير آهيون.

- موتيرام رامچندائي

سنڌي اخبار نويسي

اخبار نويسي هڪ پويتر پيشو، ديش ۽ سماج کي سُجاڳ ۽ جاڳرت ڪرڻ جو هڪ وسيلو آهي. اخبارنويس جو اهو اخلاقي فرض آهي ته هوُ نڊر ۽ نشپڪش ٿي اخبار هلائي، ذاتي سوارٿن، ڪنهن هلچل ۾ نه اچي ڪري هوُ اخبارنويسيءَ جي هن پاڪ ۽ پويتر پيشي کي ڪو داغ نه لڳائي ۽ بدنام نه ڪري.

اخبار لفظن جو هڪ ڀنڊار آهي ۽ اخبارنويس آهي لفظن جو پوڄاري ۽ اُپاسڪ. اخبار هجي يا پتريڪا، مخزن هجي يا رسالو هنن سڀني جو واسطو لفظن سان هوندو آهي ۽ موتين جي مالها وانگر جهڙا سٺا ۽ سهڻا لفظ ان اخبار ۾ استعمال ڪيل هوندا اوتري اُها اخبار سهڻي، سٺي ۽ دل کي ڪشش ڪندڙ ۽ ور ور ڪري پڙهڻ جهڙي هوندي. صحيح ۽ سرل اکرن جي ميلاپ سان پڻ اخبار جو شان وڌي ويندو آهي.

اخبار سماچار ڏيندڙ ساڌن نه آهي پر لوڪشاهيءَ جو چوٿون ٿنڀو ۽ ديش جي درسني ۽ سماج جو آئينو آهي. اخبار نويس پڻ صرف خبرون ڏيندڙ ۽ اشتهار ڇپيندڙ اِنسان نه آهي پر هوُ هڪ شڪتيشالي ۽ طاقتور شخص آهي، جيتوڻيڪ هن وٽ ڪائي سَتا يا ڪا فوج يا ملٽري ساڻ نه هوندي آهي پر هن وٽ هوندو آهي هڪ طاقتور قلم جيڪو هن لاءِ هر قسم جي ڍال بڻجي هن جي مدد ڪندو آهي ۽ هن جو هٿيار بڻجي هن جي ڪم ۾ ايندو آهي ۽ اخبار نويس جا سچا ساٿي ۽ مددگار هوندا آهن. هن جا اوُچ آدرش ۽ اُصول، نشپڪشتا ۽ نڊرتا، دورانديشي ۽ محڪمتا، اُداردلي، ايمانداري، سچائي ۽ هن جي قلم کي سڀني هٿيارن کان وڌيڪ ۽ وڏي طاقت هوندي آهي.

هڪ ايماندار اخبارنويس جڏهن پنهنجي اردگرد انياءَ، اتياچار،

پيارا ڀاءُ موتيرام،

ڪالهه ”چمڪندڙ موتي“ مليم، بيحد مزو آيو. سچ ته سنڌي ڪلندا گهٽ آهن، سون چانديءَ جي چڪر ۾ هوندا آهن اُميد ته جلدي ”ٽمڪندڙ موتي“ پڻ موڪلڻ جي مهرباني ڪندا.

- رڪمڻي سندر چئناڻي (ممبئي)

پيارا دوست موتيرام،

توهانجو ڪتاب ”انمول موتي“ پهتو. توهان جو لکيل مذاقي ليکن جو مجموعو تمام سٺو لڳو. جدا جدا وشين تي طنز مذاق جا ڪئي اٿو. ڪُريتين ۽ انياءَ خلاف لکي عوام کي بيدار ڪرڻ لاءِ پنهنجو قلم هلائي جس جا ڀاڳي ٿيا آهيو.

نيڪم آفتاب (ڀوپال)

جناب موتيرام رامچنداڻي،

اوهان جي سوکڙي ”اڻلڀ موتي“ مليو، ڪتاب پڙهيم توهان جون مذاقي کهاڻيون وندرائيندڙ ته آهن پر کلائيندڙ به آهن ۽ دل دماغ ۾ خوشي ڇانئجي ٿي وڃي جيڪا اڄ جي دؤر ۾ ملڻ مشڪل آهي. سنڌي ساهتيه ۾ مذاقي ساهتيه جي اڻاٺ آهي، هاڻي ته شايد اهڙو ساهتيه لکندڙ نه جي برابر آهن اوهان هن ڏس ۾ جيڪا ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي ان لاءِ ڌنيواد.

ڪيمن يوُ. موُلاڻي (بئراڳڙه-ڀوپال)

دادا نمستي،

توهان جو سنه ١٩٩٩ ۾ شايع ٿيل ڪتاب مذاقيه ۽ طنزي عبارت ۾ رس ۽ رواني‌ءَ واري ٻوليءَ ۾ لکيل ”اڻلڀ موتي“ مليو. پڙهيم. سڀ ليکه ۽ کهاڻيون پنهنجي قوم ۽ سماج سان واسطو ۽ سڪياداڪ، پريرڻا ۽ اُتساهه ڏيندڙ آهن. ڏکوئيندڙ ڪونه آهن. سچ پچ اڻلڀ موتي آهن. اُميد ته آئينده به اهڙيون رچنائون لکندا رهندا.

مينا روپچنداڻي (اُلهاسنگر)

سجاڳيءَ جاڳرت ب‍ڻجي بدلاو جو ڪاريه ڪرڻ گهرجي.

سنڌيت جي مثال کي ڪنهن نه ڪنهن روپ ۾ روشن ڪرڻ ۽ سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سنڌي سنسڪرتي ۽ سڀيتا ۽ تهذيب کي زندهه رکڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ کي گهر گهر پهچائڻ ۾ سنڌي اخبارون ڪافي مددگار ثابت ٿيون آهن ۽ سنڌي اخبارن جي سهڪارسان ئي سنڌي ٻولي گهر گهر پهتي آهي ۽ اڃا تائين زندهه آهي.

سنڌي سکڻ لاءِ پڻ سنڌي اخبارون ڪافي ڪارگر ثابت ٿيون آهن ۽ جن اسان پائرن ۽ پينرن جي سنڌي ٻولي ڪجهه ڪچي هوندي آهي ۽ هنن کي فقط هيڊنگه وارا وڏا اکر پڙهڻ ۾ ايندا آهن ۽ سنها ۽ ننڍا اکر هوُ پڙهي نه سگهندا آهن اُنهن کي پڻ سنڌي اخبارن ذريعي سنڌي سکڻ جو هڪڙو سنو ۽ سهڻو موقعو ملندو آهي. هرروز ڪنهن سنڌي اخبار جو معائنو ڪرڻ ۽ اخبار کي پڙهڻ سان هنن کي سني ۽ صحيح سنڌي اچي سگهي ٿي پر اهو سڀ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن هنن ۾ سنڌي سکڻ جي چاهنا هجي ۽ هنن جو جيءُ جيجل ٻوليءَ سان جڙيل هجي ۽ سنڌي سکڻ جو شونق هجي چاڪاڻ ته چيو ويندو آهي ته ”جتي چاهه اُتي راهه“ يعني (Where is a will , there is a way).

اڳي ته ائين چيو ويندو هو ته جيڪڏهن سني ۽ صحيح ٻولي سکڻي هجي ته سنڌي اخبارن مان ئي سکجي ٿي چاڪاڻ ته ان وقت سنڌي اخبارن ۾ معياري ۽ صحيح ٻولي ايندي هئي ۽ سنڌي اخبارن ۾ ليکه ڇپائيندڙ ليکڪ پڻ تمام سنا عالم، اديب، تعليمدان ۽ پڙهيل لکيل ودوان هوندا هئا ان ڪري هنن جي سنڌي تمام سني، صحيح، پڪي ۽ وڻندڙ هوندي هئي.

سنڌ مان نڪرندڙ ”هندواسي“ اخبار جو سمپادڪ ڪاڪو چينمل پرسرام ۽ ”جوت“ اخبار ڪڍندڙ پرمانند ميوارام پڻ سهڻا اديب ۽ سنا ساهتيڪار هوندا هئا ۽ هنن عالم ليکڪن جي ٻولي وڻندڙ ۽ اثردار هوندي هئي ۽ هرهڪ پاٺڪ کي پسند ايندي هئي پر اڄڪلهه اُها ڳالهه ڏسڻ ۾

بي انصافي ۽ ظلم ٿيندي ڏسندو آهي تڏهن هن جو من بي چئن ٿي ويندو آهي ۽ هن جي اندر ۾ آنڌ مانڌ ٿي ايندي آهي ڇاڪاڻ تہ هوُ ستيہ، اهنسا، انصاف ۽ عصمت لٽجڻ نہ ڏسي سگهندو آهي ۽ ائين ڏسندي ئي هوُ پنهنجي قلم کي تيز ڪندي ان خلاف آواز بلند ڪندو آهي.

هڪ نڊر پترڪار هميشه وقت کي للڪاريندو آهي ۽ پنهنجي قلم جي طاقت سان ديش ۽ دنيا ۾ اُٿل پٿل مچائي ڇڏيندو آهي، حڪومتون بدلائي ڇڏيندو آهي ۽ سماج مان ڪُريتيون ڪڍي، عوام کي صحيح دِشا ڏيئي سڌارو آڻيندو آهي.

هڪ ايماندار ۽ همٿوان اخبار نويس ظلم خلاف لڙندڙ ۽ هر وقت حالتن سان جدوجهد ڪندڙ سپاهي تہ آهي پر هوُ قوم، ڌرم، جاتي ۽ سنسڪرتيءَ جو رکشڪ ۽ رکوالو پڻ آهي ۽ ساڻ ساڻ هوُ پٽڪيل اِنسانن جو رهبر، ستيہ جو حمايتي ۽ انياءُ جو وروڌي هوندو آهي ۽ هوُ غريبن ۽ مسڪينن کي مدد ڪرڻ لاءِ پنهنجي جان کي جوکم ۾ وجهي بہ حڪمرانن، وڏن ماڻهن ۽ اڳوانن جي اوگهڙ ڪرڻ ۾ پڻ ڪين ڊڄندو آهي ۽ هوُ هميشه بي باڪ ۽ نڊر بڻجي پنهنجو قلم هلائيندو آهي.

سچي ۽ صحيح اخبار نويس جي دل ۾ ڪجهہ نئون ڪرڻ ۽ پنهنجي ڪاميابيءَ جو ڪو ميل پٿر لڳائڻ جي تمنا هن جي دل ۾ هوندي آهي. هڪ ايماندار اخبار نويس کي نفعي نقصان جي ڪٽ جوڙ جو حساب ڪتاب هن وٽ نہ هوندو آهي پر اصولن ۽ آدرشن جي مڃتا ۽ لوڪپريتا هن جي انمول ملڪيت ۽ جائداد هوندي آهي.

اخبار نويس جو مکيہ ۽ مهتوَ پورڻ ڪاريہ آهي عوام سان سمپرڪ ڪرڻ، هنن جي تڪليفن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ۽ هنن جو پلو ڪرڻ. وِدوان ڪاڪا ڪاليڪر پڻ هڪ هنڌ ائين چيو آهي تہ: ”اخبار نويس پٽڪيلن جو رهبر ۽ چارڻ جو چارڻ هوندو آهي ۽ جڏهن عوام راهہ ڀُلجي وڃي ٿو تڏهن هڪ اخبار نويس ئي هن جو رهبر بڻجي هنن کي واٽ ڏيکاري ٿو.“ اخبار نويس کي سچائيءَ کان منهن موڙڻ هرگز نہ گهرجي ۽

اخبارن ۾ قومي چيتنا ۽ سياسي سجاڳي آئي ۽ اڻويهين صديءَ ۾ اٽڪل ويهہ اخبارون سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپجنديون هيون ۽ ان سان گڏوگڏ ”سرسوتي“ اخبار سنہ 1890 ۾ ۽ ”پرڀات“ اخبار سنہ 1896 ۾ ڇپجنديون هيون. هي سيئي اخبارون سنين اخبارن ۾ ڳڻيون وينديون هيون ۽ سرڪار جي خوب ٽيڪا ٽپڻي ڪنديون هيون ۽ هنن اخبارن ۾ ”پرڀات“ اخبار سيني اخبارن ۾ اڳيان ۽ اڳري هئي.

ويهين صديءَ ڪي سنڌي اخبارن جو سرڳہ چيو ويندو هو ۽ سنہ 1904 تائين سنڌي اخبارون ٻن سوَن جو انگہ پڻ پار ڪري چڪيون هيون. سنہ 1905 ۾ سنڌ جي سکر شهر مان شري ويرومل بيگراج ”سنڌي“ اخبار جي نالي سان پنهنجي اخبارشروع ڪئي هئي جنهن ۾ هن سوديشي شين کي اپنائڻ ۽ وديشي شين جو بهشڪار ڪرڻ لاءِ قلم هلايو ۽ ڪالم لکڻ شروع ڪيا.

اُن ئي عرصي ۾ شري تولارام مينگهراج ٻالاڻيءَ ”ماتا“ ۽ ”سدائين سنڌ“ اِهي ٻہ سنڌي اخبارون شروع ڪيون ۽ عوام ۾ راشٽريہ ڀاونا جاڳائڻ شروع ڪئي ۽ هن قسم جا پڙڪائيندڙ ليکہ ۽ ڪويتائون لکي عوام ۾ هڪ جوش ۽ جذبو ڦوڪيو جنهن سان هن کي انگريز سرڪار گرفتار ڪيو.

هن ئي وقت ۾ مهراج گووردن شرما ۽ هن جو ساٿي چيتومل هريرام پڻ سياسي سرگرمين ڪري ۽ انگريز سرڪار جي ظلمن جا پول کولڻ جي ڪري هنن ٻنهي کي انگريز سرڪار دوارا گرفتار ڪيو ويو.

سنہ 1905 ۾ ويرومل بيگراج ”سنڌي“ نالي هڪ هفتيوار اخبار سنڌيءَ ۾ ڪڍي جنهن جي ذريعي سنڌ ۾ ديش ڀڳتي ۽ راشٽريہ چيتنا جي ڀاونا پرکي ۽ اهڙن ئي ويچارن جو هن اخبار ذريعي پرچار ٿيڻ لڳو.

سنہ 1905 ۾ ئي گوردن شرما وديشي شين جي استعمال نہ ڪرڻ جي پرچار لاءِ هڪ زوردار بُليٽن ڪڍي جيڪا ويرومل پنهنجي پريس ۾ ڇاپي ۽ بُليٽن جو ڇپائيندڙ هو چيتومل بولچند. انگريز حڪمرانن هن بُليٽن مان بغاوت جي بوءِ آئي ۽ هنن ٽنهي کي گرفتار ڪري هنن تي ڪيس

ڪانه تي اچي چاڪاڻ جو اڄ جيڪي سنڌي اخبارون نڪرن ٿيون اُنهن اخبارن جا سمپادڪ سهه سمپادڪ ۽ اخبارون ڪڍندڙ اُهي گهٽو پڙهيل، سنڌي ٻوليءَ جا ڄاڻو ۽ عالم ڪونه ٿا ڏسجن، ڪي ته سنڌي اخبارون ڪڍندڙ اهڙا پڻ سائينءَ جا سنواريا آهن جيڪي سنڌي ٻولي لکڻ ۽ پڙهڻ اصل ڄاڻن ئي ڪونه، مڙئي ويچارا هِتان هُتان مواد هٿ ڪري اخبار پوري ڪرائيندا آهن.

اڄڪلهه سنڌي اخبارون ڪڍندڙ گهٽو ڪري هتي هندستان جي جدا جدا شهرن جا پڙهيل آهن جن مان ڪيترن اسڪولن جي ماسترن کي خود پڻ سني ۽ صحيح سنڌي اڄڪلهه گهٽ ايندي آهي ان ڪري پڻ سنڌي اخبارن ۾ معياري ۽ صحيح ٻولي هئڻ جي ڪمي پاتي ويندي آهي.

سنڌيءَ ۾ اخبارنويسيءَ جي شروعات

سنڌي اخبارن جو ذڪر ڪجي ته ڏسبو ته پهرين سنڌي اخبار ''سنڌو سڌار'' جي نالي سان تاريخ 1 آگسٽ 1866 ۾ ڪراچيءَ ۾ شايع ڪئي ويئي هئي ۽ اُن وقت سنڌ بمبئيءَ سان ڳنڍيل هئي. سنه 1884 ۾ ساڌو هيرانند آڏواڻيءَ ''سنڌو سڌار'' اخبار جو ڪم پنهنجي هٿن ۾ ڪنيو جيڪو تمام نڊر سمپادڪ هو ۽ هن جي سنڀالڻ ڪري هن اخبار ۾ راشٽريه ڀاونا آئي. ساڌو هيرانند پنهنجي اخبار ۾ سماج جي ڪُريتين ۽ خراب رسمن ۽ ريتين جي خلاف لکڻ سان گڏوگڏ انگريز سرڪار جي پڻ خوب آلوچنا ڪندو هو.

هڪ دفعي هن پنهنجي اخبار جي سمپادڪيه ليکه ۾ ائين لکيو هو ته ''نادرشاهه ته هندستان کي هڪ دفعو لٽيو هو پر انگريز سرڪار هر سال نادرشاهه کان ڪيترائي دفعا وڌيڪ لُٽي مال ٻاهر موڪلي رهي آهي.'' هن سمپادڪيه ليکه ڪافي چؤٻول ۽ هنگامو مچايو هو ۽ عوام ۾ انگريز سرڪار جي ظلمن خلاف هڪ نفرت ۽ ناراضگيءَ جي ڀاونا پيدا ٿي هئي.

سنه 1885 ۾ جڏهن ڪانگريس جو جنم ٿيو اُن وقت کان وٺي سنڌي

سنہ 1919 ۾ لوڪرام شرما جي جيل مان ڇٽڻ کان پوءِ هندو اخبار وري وشنو شرما جي سمپادن ۾ شروع ڪئي ويئي ۽ پهرين هيءَ اخبار ساپتاهڪ هئي ۽ پوءِ هفتي ۾ ٻہ دفعا ڇپجڻ لڳي ۽ اُن کانپوءِ روزاني ٿي ويئي ۽ سنڌ مان نڪرندڙ سيني اخبارن ۾ هيءَ اخبار لوڪپريہ بڻي.

سنہ 1932 جي 4 جنوريءَ جو مهاتما گانڌي گول ميز ڪانفرنس لنڊن کان جڏهن نراش ٿي واپس موٽيو تڏهن پوري ديش ۾ ستياگرهہ شروع ٿي ويو ۽ ”هندو“ اخبار تي وري بندش وڌي ويئي ۽ سرڪار هن اخبار جي پريس کي پڻ ضبط ڪري نيلام ڪري ڇڏيو. سمپادڪ هيرانند ۽ هن جا ڪجھہ ٻيا ساٿي گرفتار ڪيا ويا تڏهن آنند هگوراڻي هندوءَ جي نالي کي بدلائي ”سنڌو“ نالي سان روزاني اخبار شروع ڪئي پر سرڪار ’سنڌوءَ‘ تي بہ بندش لڳائي ڇڏي تڏهن ساپتاهڪ ”ماتريومي“ اخبار کي روزاني ڪري ڇاپيو ويو ۽ سنہ 1932۾ سرڪار هن ”ماتر يومي“ اخبار تي پڻ بندش وجهي ڇڏي.

سنہ 1934 ۾ وري ”پارت پبلشنگ ٽرسٽ“ دوارا ’هندو‘ روزاني اخبار ڪراچيءَ کان شروع ڪئي ويئي.

سنہ 1937 ۾ کان وٺي آرتوار جي ڏينهن تي ’هندوءَ‘ کي ’هندواسي‘ نالي سان ڇاپڻ شروع ڪيو ويو ۽ اُن اخبار ۾ هندوءَ کان وڌيڪ مٽر، ليکہ ۽ رچنائون ڇپيون ويندیون هيون.

سنہ 1919 ۾ شري ڄيٺمل پرسرام گلراجاڻي پنهنجي اخبار ”هندواسي“ شروع ڪئي جنهن ۾ هن اپريل 1919 ۾ ٿيل ”جليانا والا باغ هتيا ڪانڊ“ جي خلاف لکيو ۽ انگريزن جي هن ظلم ۽ ڪاري قهر خلاف آندولن ڪرڻ جون خبرون ساري ديش ۾ ڦهلائي ڇڏيون جنهن سبب انگريز سرڪار خلاف هرهنڌ بغاوت جي باهہ زور شور سان ڀڙڪڻ لڳي.

شري ڄيٺمل پرسرام پنهنجي هندواسي اخبار ۾ سنڌ جي سرمور شاعر شاهہ عبدل للطيف جون پڻ کي لائينون پنهنجي ليکہ ۾ لکيون

هلايو ويو جنهن جي فيصلي ۾ گورڌن شرما کي پنج سال جيل جي سزا آئي ۽ ويرومل بيگراج ۽ چيتومل بولچند کي ٽن-ٽن سالن جي لاءِ جيل موڪليو ويو.

هن سخت سزا جي وروڌ ۾ سنڌ جي ڪيترن ئي شهرن جي اخبارن ۾ هن فيصلي جي آلوچنا ڪئي ويئي ۽ نانديو ويو ۽ پوري سنڌ ۾ راشٽريه چيتنا جي ڀاونا جاڳي.

سنه 1905 ۾ ئي تولارام مينگهراج ٻالاڻيءَ **''ديش ماتا''** هفتيوار اخبار ڪراچيءَ مان شروع ڪئي ۽ هن اخبار ۾ سوديشي آندولن جو خوب پرچار ڪيو ويو.

سنه 1907 ۾ تولارام ٻالاڻيءَ **''سنڌ سيوڪ''** ماهوار ۽ ''سدا اي سنڌ'' اخبارون پڻ شروع ڪيون ۽ جيئن ته تولارام ٻالاڻي هڪ ڪوي پڻ هو ان ڪري هي پنهنجين اخبارن ۾ ديش ڀڳتيءَ جا گيت لکندو هو ۽ ڳوٺ ڳوٺ ۾ وڃي هن ديش ڀڳتيءَ جي گيتن کي ڳائي پڻ ٻڌائيندو هو ۽ عوام ۾ ديش ڀڳتي جاڳائيندو هو.

سنه 1911 ۾ وشنو شرما **''سنڌ ڀاسڪر''** نالي ماهوار اخبار شروع ڪئي. هيءَ اخبار عربي سنڌي ۽ ديوناگري ٻنهي ٻولين ۾ ڇپجندي هئي ۽ هن اخبار دوارا سوديش، سوراج، راشٽريه ويچار ۽ ديش ڀڳتيءَ جو پرچار ٿيڻ لڳو.

سنه 1916 ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ پنڊت لوڪرام شرما ۽ سندس ڀاءُ وشنو شرما دوارا **''هندو''** اخبار شروع ڪئي ويئي ؛ هن اخبار جي اهڙي ته ڊاڪ مچي ويئي جو ٻپهرن تائين هن جون سڀ ڪاپيون وڪامي وينديون هيون ۽ وري ٻيو دفعو ڇپائي گراهڪن کي اخبار پهچائي ويندي هئي.

سنه 1918 ۾ پنڊت لوڪرام شرما کي سندس رچنائن کي بغاوت ڀلائڻ واريون رچنائون ڄاڻائي ڪري لوڪرام شرما کي ٽي مهنا جيل ۽ ٥٠٠ رپيا ڏنڊ جي سزا ڏني ويئي ۽ سرڪار هندو اخبار جي پنيان هٿ ڌوئي پئجي ويئي جنهن سبب ڪجهه مهنن لاءِ اخبار کي بند رکڻو پيو.

شوداساڻي جنهن کي ٻن سالن جي سزا ملي هئي. (3) جيرامداس دؤلترام کي پڻ ٻه سال سزا آئي هئي. (4) لوڪرام شرما کي ڏيڍ سال جي سزا ملي هئي. (5) ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي (6) چوئٿ وليچا ۽ (7) هيرانند ڪرمچند هنن ٽنهي کي هڪ هڪ سال جي لاءِ جيل موڪليو ويو.

سنه 1930 ۾ پڻ ”لوڻ ستياگرهه“ جي هلچل وقت هندو اخبار جي ٽن سمپادڪن کي هڪ ٻئي جي پٺيان پڪڙيو ويو هو ۽ جيل موڪليو ويو هو ۽ انهن ۾ هئا سرو شري هيرانند ڪرمچند، ڪشنداس شوداساڻي ۽ هاسومل ايسرداس ۽ جڏهن سرڪار پريس تي (Raid) ڇاپو هڻي اخبار ڇاپڻ بند ڪرائي ڇڏي تڏهن هيءَ اخبار سائيڪلوسٽائيل تي ڇپجڻ لڳي ۽ ڪڏهن ڪڏهن سرڪار جي اکين ۾ ڌوڙ وجهڻ لاءِ هيءَ اخبار جدا جدا نالن سان پڻ ڇپجندي رهي.

سنه 1942 ۾ (Quit India) ”ڀارت ڇوڙو آندولن“ ۾ سرڪار دوارا ڪجهه وڌيڪ سختيءَ سبب اٽڪل هڪ سال تائين هيءَ هندو اخبار بند رهي ۽ پوءِ وري چالو ڪئي ويئي ۽ سنه 1946 ۾ ”هندو“ اخبار جو نالو بدلي ”هندستان“ رکيو ويو ۽ هيءَ روزاني اخبار رهي ۽ هن اخبار جي هفتيوار اخبار ”هندواسي“ جي نالي سان هر آرتوار تي ڇپجندي هئي.

ديش جي ورهاڱي ڪانپوءِ سنه 1947 ۾ پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ پڻ ڪجهه وقت تائين ”هندو“ اخبار ڪراچيءَ مان ڇپجندي رهي پر جڏهن لکن جي تعداد ۾ هندو سنڌ ڇڏي هندستان ۾ پهتا تڏهن ڪراچيءَ ۾ هن اخبار جو ڇپجڻ بند ٿي ويو ۽ هي ٻئي اخبارون هندو روزاني ۽ هندواسي (هفتيوار) بمبئيءَ مان ڇپجڻ لڳيون ۽ ڪافي سالن تائين هي ٻئي اخبارون ڪافي مشهور هيون ۽ اول درجي جون سمجهيون وينديون هيون.

پر افسوس جي ڳالهه آهي ته تمام گهٽي ڏک سان چوڻو ٿو پوي ته اسان جي سنڌي سماج جيڪا فقط پيسن ميڙڻ ۽ ڏن ڪٺي ڪرڻ ۾ ئي مشغول هوندي آهي انهن جا ٻار هتي انگريزي اسڪولن ۾ پڙهڻ لڳا ۽ اڌيڙ عمر جي ڀائرن ۽ ڀينرن ۽ اسانجن بزرگن ۾ پڻ پنهنجي ماترڀاشا

هيون جن ۾ ائين جاٽايل هو تہ ”ڪلال هٽ ڦهر جو ڪوپ وهي“ يعني ڪلال جي دڪان تي قتل جو ڦهر جاري آهي. هن جوش ڏياريندڙ ليک لاءِ شري چينمل پرسرام کي انگريز سرڪار دوارا گرفتار ڪيو ويو ۽ هن کي ٻہ سال جيل جي سزا ڏني ويئي ۽ هن کي پوني جي يروڙا جيل ۾ موڪليو ويو.

شري چينمل پرسرام جي نڊرتا، همت ۽ لکڻيءَ ۾ ايڏو تہ دم ۽ اثر هو جو هن جو ڪيس هلائيندڙ انگريز جج مسٽر سورلي کي چينمل جي هن جوشيلي ليک ۽ شاھہ عبدل للطيف جي لکيل شاعريءَ کي سمجھڻ ۽ هن جو صحيح مطلب ڪڍڻ لاءِ هن کي سنڌي ٻولي سکڻي پيئي ۽ پڇاڙيءَ جو هن انگريز جج مسٽر سورلي شاھہ عبدل للطيف جي شاعريءَ تي هڪ ڪتاب پڻ لکيو جيڪو ڪافي مشهور ٿيو.

سنہ 1916 ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ”’هندو“ اخبار جي شروعات پنڊت لوڪرام شرما ۽ هن جي ڀاءُ مهراج وشنو شرما ڪئي ۽ هن اخبار جو سمپادڪ وشنو شرما ٿيو ۽ هن اخبار جو پڻ راشٽريہ ڀاونا ۽ ديش ڀڳتيءَ جي پريرڻا ڏيڻ ۽ ڪافي يوگدان رهيو.

سنہ 1921 جي اسهيوگہ آندولن ۾ ”هندو“ اخبار انگريز سرڪار جي خوب آلوچنا ڪئي ۽ هن خلاف لکيو جنهن جي ڪري هن اخبار جي سمپادڪ کي گرفتار ڪيو ويو. هن اخبار جي خوبي اها رهي جو هن اخبار جو جڏهن هڪڙو سمپادڪ پڪڙيو ويندو هو تڏهن ان جي جڳھہ تي ٻيو سمپادڪ مقرر ڪيو ويندو هو ۽ اگر هڪ پريس ۾ انگريز سرڪار هن اخبار جي ڇاپڻ تي منع وجهندي هئي تہ ترت ئي ٻي ڪنهن پريس ۾ هيءَ اخبار ڇپجي ويندي هئي ۽ هيءَ اخبار بند بلڪل ئي نہ ٿيندي هئي ۽ هن اخبار کي بند ڪرڻ لاءِ سرڪار هڪ ٻئي پٺيان سٺن سمپادڪن کي پڪڙي جيل ۾ وڌو ويو هو.

هندو اخبار جي جن سمپادڪن کي جيل ۾ موڪليو ويو هو انهن ۾ هئا (1) شري وشنو شرما جنهن کي ٽن سالن جي سزا آئي هئي. (2) شري گهنشيام

ٽيڪا ٽپڻيءَ سبب کيمچند ٻالاڻيءَ کي هڪ سال جي جيل جي سزا اچي ويئي ۽ اُن ڪانپوءِ گرمکسنگھ ٻالاڻي، مانسنگھ چوھڙمل، شوانند، شيوڪرام ۽ پريوداس برھمچاري هن اخبار جا سمپادڪ ٿيا. مگر هيءَ اخبار بند نہ ڪئي ويئي.

وطن : هيءَ هفتيوار اخبار سنہ 1922 ۾ شڪارپور مان شروع ڪئي ويئي. ليلارام نرسنگھداس ڦيرواڻي هن اخبار جو سمپادڪ هو ۽ سرڪار جي خلاف لکڻ سبب اخبار جي سمپادڪ کي جيل وڃڻو پيو ۽ اُن ڪانپوءِ ٽي ٻيا بہ سمپادڪ جيل ۾ موڪليا ويا.

سنہ 1922 ۾ ٻيون بہ ڪيتريون اخبارون راشٽريہ چيتنا ۽ ديش ڀڳتي جاڳائڻ لاءِ نڪتيون هيون.

’سوراج‘ روزاني : هيرانند ڪرمچند جهڙي نڈر سمپادڪ دوارا هيءَ اخبار شروع ڪئي ويئي ۽ هيءَ اخبار پڻ انگريز سرڪار جي چڱي اوگھڙ ڪندي هئي ۽ اُن خلاف لکندي هئي.

آزاد : هيءَ اخبار اللھرکو سومرو جيڪو پوءِ سنڌ جو مکيہ منتري پڻ ٿيو هو اُن شروع ڪئي هئي جنهن کي سنہ 1943 ۾ وروڌ پکش جي ڪن مسلمانن گوليون هڻي ماري ڇڏيو هو.

آزادي : هيءَ هفتيوار اخبار لاڙڪاڻہ مان شروع ڪئي ويئي جنهن جو سمپادڪ هولارام موٽواڻي هو.

ڀارت ماتا : هيءَ اخبار شڪارپور مان شروع ڪئي ويئي جنهن جي سمپادڪا جوشيلي راڌيٻائي هئي.

سوراج : شري ٻلديو گاجرا سنہ 1933 ۾ هيءَ روزاني اخبار شروع ڪئي هئي جيڪا سنہ 1947 تائين ريگيولر يعني نيمت روپ سان ڇپجندي رهي.

هن اخباري دؤر ۾ ڪيترن سنڌي مسلمانن پڻ جدا جدا نالن سان اخبارون شروع ڪيون هيون مگر سنڌ جا ڪيترا نيتا انگريزن جي نيتين کي سمرٿن ڏيندڙ هئا اُن وقت ڪان وٺي هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾

سنڌي ٻوليءَ لاءِ پڻ پريم ۽ چاهه گھٽجڻ لڳو انڪري هنن ٻنهي مشهور ۽
معياري اخبارن جا پاٺڪ گھٽجندا رهيا ۽ اشتهارن جو انداز پڻ ڏينهون
ڏينهن گھٽ ٿيندو ويو ۽ هنن اخبارن کي هلائڻ وارو ٽرسٽ ۽ ان جا اڳوان
ٻئي هيءُ اخبارون هلائڻ هلائي ٿڪجي پيا ۽ آخر ۾ هيڏي وڏي ۽ سالن
جي پراڻي هيءَ ''هندستان'' روزاني اخبار آخرڪار بند ٿي ويئي.

''هندواسي'' هفتيوار اخبار جو سرڪيوليشن پڻ ايترو نه گھٽجي ويو
آهي جو هيءَ اخبار پڻ پڙهڻ جو پارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ ۽ هرهنڌ
ملندي هئي ريلوي جي بوڪ اسٽالن ۽ خانگي اخبار جي اسٽالن تي پڻ
ريگيولر ملندي هئي، هاڻي اها اخبار بوڪ اسٽالن ۽ هاڪرن دوارا نه
ملي ڪري فقط پوسٽ رستي گھرائڻ سان ئي ملي سگھي ٿي ۽ چندو پڻ
پهرين موڪلڻ سان.

راشٽريه چيتنا واريون ٻيون اخبارون

سنڌ جي جدا جدا شهرن مان ديش ڀڳتيءَ جون نڪرندڙ ٻيون اخبارون
هن ريت آهن :

هندو جاتي : پنڊت لوڪرام شرما سنه 1923 ۾ حيدرآباد ۾ هندو
جاتي هفتيوار اخبار شروع ڪئي جنهن جو اُديش هندن ۾ ايڪتا آڻڻ ۽
هندن ۾ راشٽريه ڀاونا ۽ ديش ڀڳتي جاڳائڻ جو هو.

سنه 1924 ۾ لوڪرام شرما جي ڀاءُ وشنو شرما هن 'هندو جاتي' اخبار
جو ڇاپو ڪراچيءَ مان پڻ ڪڍڻ شروع ڪيو ۽ لوڪرام ڪراچيءَ ۾ ۽ وشنو
شرما حيدرآباد جو ڪم سنڀاليو. ڪجهه ٽائيم ڪانپوءِ هيءَ اخبار هفتيوار
مان روزاني ڪئي ويئي.

سنه 1933 ۾ لوڪرام شرما جو سرڳواس ٿيڻ تائين هن اخبار انگريز
سرڪار جو ڪافي همٿ ۽ نڊرتا سان مقابلو ڪيو ۽ سرڪار جي خلافت
لکڻ سبب هنن ٻنهي ڀائرن کي جيل موڪليو ويو.

شڪتي : سنه 1922 ۾ نوشهرو فروز شهر مان هيءَ هفتيوار اخبار شروع
ٿي جنهن جو سمپادڪ کيمچند ڀالاڻي هو. سرڪار جي سخت آلوچنا

آهي تہ شايد هنن اخبار نويسن جو قلم هاڻي ڪمزور ٿي ويو آهي ۽ هنن جي چاهن (رُچي) ڏينهون ڏينهن ساهتيڪ ۽ سيپتڪ سرگرمين ڏانهن گهٽجندي پيئي وڃي ۽ اشتهارن ڇاپڻ ۽ ڌن ڪني ڪرڻ ڏانهن وڌندي پيئي وڃي ۽ هن وقت ڪيترين اخبارون فقط ڪمائيءَ جو ساڌن ۽ ڪنهن جي مشهوريءَ جو وسيلو بڻجي ويون آهن. حقيقت ۾ اخبار ڪنهن شخص يا گروپ ۽ سنسٿا جي نہ پر قوم، ديش ۽ سماج جي هئڻ گهرجي ۽ اخبار ڪن شاهوڪارن، ڌنوانن ۽ موقعي پرستن ۽ سياسي شخص سان وفادار رهڻ جي بدران پنهنجي سماج، سنسڪرتي، ساهتيہ ۽ ٻوليءَ سان وفادار هئڻ گهرجي.

اسين پلي ائين چوندا هجون تہ سنڌي ذهني آهن، هوشيار واپاري ۽ سياڻا سياستدان آهن پر حقيقت اها آهي تہ اڄ سنڌي سنڌيءَ کي جيترو ڪمزور بڻايو آهي اوترو ٻئي ڪنهن نہ بڻايو آهي. اسين سياست جو شڪار بڻجي پنهنجي زمين کان ڪٽجي، پنهنجي وطن کان وڇڙي آياسين ۽ پنهنجي سيني ۾ سوين سور سانڍي پاڻ سان کڻي آياسون پنهنجو ڌرم، سنسڪرتي، سيپتا ۽ ٻوليءَ لاءِ شرڌا، پريم ۽ پيار.

پر افسوس جي ڳالھ آهي جو اسين جيئڻ ئي پنهنجي دکہ جون گهڙيون پار ڪري ۽ ڏکہ ڏاکڙا سهي ۽ لتاڙي پنهنجن پيرن تي بيناسين ۽ ٿانئيڪا ٿياسين تيئن ئي اسين پاڻ سنڌي سيپتا، سنسڪرتي ۽ ٻوليءَ کي پاڻ کي ڪٽيندا ويا آهيون ۽ اڄ اسان وٽ نہ رهي آهي پنهنجن وڏن جي (Identity) شناخت ۽ سنسڪارن جي پرکہ. اهڙي نازڪ حالت ۾ پڻ سنڌي اخبارون عوام کي راھ ڏيکاريندڙيون ۽ سماج کي سجاڳہ ڪنديون رهنديون آهن.

هندستان ۾ ڇپجندڙ سنڌي اخبارون

هونءَ تہ هندستان ۾ هن وقت ڪيترين سنڌي اخبارون ڇپجن ٿيون ۽ ڪيترين اخبارون بند ٿي چڪيون آهن ان جو اندازو لڳائڻ تمام گهٽو ڏکيو آهي چاڪاڻ تہ ڪيترن پائرن وري پنهنجون اخبارون سنڌيءَ

پيدياوار جي ياونا وڌڻ لڳي.

سنڌي اخبارنويسيءَ جو شاندار اتهاس

ان ۾ ڪوبہ شڪ ڪونهي تہ سنڌي اخبار نويسيءَ جو پڻ هڪ شاندار اتهاس رهيو آهي، آزاديءَ جي آندولن ۾ پڻ سنڌي اخبارن چڱو بهرو ورتو آهي ۽ آزادي حاصل ڪرڻ ۾ پڻ ڪافي يوگدان ڏنو آهي تہ ساڻ ساڻ سماج، ساهتي ۽ ٻوليءَ جي وڪاس ۽ واڌاري لاءِ پڻ ڪافي اهم ۽ اثرائتا قدم کنيو آهي ۽ سماجڪ ۽ اخلاقي بهبوديءَ لاءِ ڪارائتا ليکہ، مضمون، ڪهاڻيون ۽ ڪويتائون شايع ڪري اخلاقي ۽ ساهتيڪ سجاڳي قائم ڪئي آهي.

ورهاڱي بعد سنڌي اخبارن سنڌين کي وري ورسائڻ ۾ پڻ ڪافي مدد ڪئي آهي تہ ساڻ-ساڻ سنڌيت جو جذبو قائم رکڻ لاءِ پڻ چڱو پاڻ پتوڙيو آهي ۽ سنڌي ساهتيہ ۽ سنسڪرتيءَ کي هر صنف ۾ اڳتي آندو آهي.

پر اڄ جي اخبار نويسي ڪٿي پهتل آهي؟ ان بابت اسين بخوبي ڄاڻون ٿا. پر ڏکہ سان چوڻو ٿو پوي تہ ڪن اخبار نويسن پنهنجن ذاتي سوارٿن سبب پنهنجن سڌانتن ۽ اصولن جي آهوتي ڏيئي اخبارنويسيءَ کي ٻي اثر ۽ داغي بڻائي ڇڏيو آهي ۽ اخبار جي اهميت کي بہ ڏنڌلو ڪري ڇڏيو آهي ۽ ڪي اخبار نويس تہ شاهوڪارن، ڌرم اُپاسڪن، اشتهاري نيتائن ۽ مشهوريءَ جي بکين شخصن جا پرچارڪ ۽ پاڇا بڻجي ويا آهن ۽ هوُ فقط هنن جي ساراهہ جون سرڪيون پيرڻ ۾ ئي پورا هوندا آهن ۽ انهن سان ئي پنهنجون اخبارون پريندا آهن.

اڄڪلهہ جي اخبارنويسي پنهنجي پاڪ ۽ پويتر پيشي ڏانهن ڪوبہ ڌيان نہ ڏيندي ۽ پنهنجي اصولن ۽ آدرشن جي ڪابہ چنتا نہ ڪندي فقط فوٽو ڇاپڻ ۽ پئسن ڪمائڻ جو ئي وسيلو بڻجي ويا آهن ۽ هڪ ٻئي کان بدلو وٺڻ، هڪ ٻئي کي نيچو نوائڻ، ننگون چڪڻ ۽ هيٺ ڪيرائڻ جو هڪ ساڌن بڻجي ويئي آهي.

ڪڏهن ڪڏهن سنڌي اخبارن ڏانهن نظر ڦيريندي ڏسڻ ۾ ايندو

سمپادڪ شريمتي پونم گجواڻي.

ڌارمڪ ماسڪ پتريڪائن ۾

پيلواڙا : ”هري سيوا ڌرم ليکہ“.

ريواسن : ”هري ماڌو“.

ٻڙودا ڌرمداس دربار: ”ڌرم سنديش“

گجرات جون ڪجهہ خاص اخبارون

احمدآباد : ”هندو“ (روزاني) ۽ ”زندگي سماچار“ (روزاني).

هفتيوار ۾ : ”راشٽريہ پريم“، ”چٽگون“، ”سچائي“، ”ديپڪ پرڪاش“، ”زندگي“، ”اڄ جي زندگي“، ”سنڌ جي جوت“، ”سنڌي احوال“، ”سٽي پلازا“ ۽ ”سنڌي ٻنڌو“ پاڪشڪ ۽ ”واپاري نيوز“ (ماهوار) پر هنن ۾ ڪجهہ اخبارون نيمائتيون ۽ ريگيولر نہ نڪرنديون آهن.

نڙياد : ”چيٽي چنڊ“ ۽ ”سنڌي ٻولي“.

هندستان ۾ بند ٿي ويل اخبارون، رسالا، مئگزنون.

ممبئي : هندستان. پونا: هلچل ۽ هير. سنڌونگر : جن ايڪسپريس، هوشيار ٽائيمس، تندرستي. ٻئراڳڙه ڀوپال : لاين سٽي هفتيوار. جئپور : سُهڻي. اندور: ”ڀارت يومي“.

گجرات ۾ بند ٿيل اخبارون، رسالا

احمدآباد : جهوليلال، سنڌي سمراٽ، سنڌو سجاوٽ، ڪاررواں، پارس، سنڌو جوت، سماج سڌا، پرڪاش، چندر پرڪاش، سنڌو ڪاويري، پمپري پونا مان هلچل ۽ هير، سهڻي جئپور مان. جهوناڳڙهہ : هند ۽ سنڌ (هفتيوار). راجڪوٽ مان : سنڌو گرجر. آديپور : گانڌيڌام ٽائيمس. گانڌيڌام : گانڌيڌام سماچار.

گجرات ۾ بند ٿيل مئگزنون ۽ رسالا

ڪلي، شرميلا، پيروي، لهر، ڪلپِ، اسٽيج، سنڌيت، ٻيجل، جهلڪ، نذرانو، سنگيتا، ڪلاڪار، سنڌو ساهتيہ، چوڏس، مارئي، سجني، شرميلا، ٻارڙا، گلستان، ٻال منچ، سيپتا ۽ ڪي ٻيون.

جي بدران هندي، ديوناگري، انگريزي ۽ گجراتي ڀاشا ۾ پڻ ڇاپڻ شروع ڪيون آهن پر جيئن تہ هنن اخبارن جا مالڪ ۽ سمپادڪ پڻ اسان جا سنڌي ڀائر آهن ان ڪري مان هن پيپر ۾ انهن اخبارن جا نالا ڏيڻ پڻ ضروري ٿو سمجهان.

اهي سيئي اخبارون سڄي هندستان مان نڪرنديون هن ريت آهن:

ممبئي : ''هندو'' روزاني، ''هندواسي'' (هفتيوار) ۽ ''سنڌي سجاڳ'' ۽ ''سنڌ رائيز'' (ماهوار).

سنڌونگر : ''ديش ڀڳت''، ''ڌنش ڌاري''، ''آزادي'' (روزاني) ۽ هفتيوار اخبارن ۾ ''سنڌي ٽائيمس''، ''مهراڻ''، ''ڀارت ديش''، ''ڀارت ٽائيمس'' ۽ ''دنيا سماچار''، ''سنڌو سپوت'' (ڀهرين جي ايڪسپريس) ۽ ڊاڪٽر سياش سوني پڻ پاڪشڪ يا ماهوار اخبار ڪڍندو آهي.

دهلي : ''سنواد سنڌي''، ''دِلي سنڌ'' ۽ ''سنڌي گلستان''.

ڀوپال : ''فرض'' (روزاني)، ''چئلينج'' ''امني هند'' ۽ ''سنڌين جو سنسار''.

بئنگلور : ''سجاڳ سنڌي''.

جلگانو : ''سنڌي اُجالا''.

چاليسگانو : ''سنڌي راجا''.

رائپور : ''سنڌوي''.

اجمير : ''هندو'' (روزاني)، ''هندواسي'' (روزاني) ۽ هفتيوار اخبارن ۾ ''هندو يومي''، ''اجمير ڪيسري''، ''سنت ڪنوررام''، ''شهيد هيمون ڪالاڻي''، ''ڊائريڪٽر'' ۽ ''تين پنڪا'' ۽ نارائڻداس سنڌي ۽ جون ٻيون بہ ڪي اخبارون.

جئپور : ''منهنجو وطن''.

جوڌپور: ''جئہ امر لعل''.

اندور : ''اندور ملاقات''، ''سمرات ڏاهرسين''.

اُلهاسنگر : ''دنيا سماچار'' (هفيوار) سال 2007 کان پرڪاشت ٿيندڙ،

رچنداڻي رهيو ۽ ان کانپوءِ هن اخبار جو سمپادڪ شري ديالداس موٽواڻي ٿيو جيڪو پڻ سنو ليکڪ ۽ سنڌيت جو شيدائي هو.

آشاواڻي : هيءَ هفتيوار اخبار سنہ 1977 ۾ احمدآباد کان شايع ٿيندي هئي جنهن جو سمپادڪ هو مشهور اخبارنويس شري ليلارام رچنداڻي. هيءَ پڻ نالي واري اخبار هئي.

سماج سُڌا : هيءَ هفتيوار اخبار سنہ 1979 کان احمدآباد مان ڇپجندي هئي ۽ هن اخبار جو سمپادڪ هو شري دامودر مورجاڻي.

زندگي هفتيوار : هيءَ اخبار پڻ سنہ 1986 يا ان کان ڪجھہ وقت پهرين احمدآباد مان نڪرندي هئي ۽ هيءَ پڻ سٺي اخبارن ۾ ليکي ويندي هئي ۽ هن اخبار جو سمپاد هو شري شيام رامرکياڻي.

راشٽريہ پريم : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ سنہ 1987 کان وٺي احمدآباد مان شايع ٿي ۽ اڄ ڏينهن تائين نيمائتو شايع ٿيندڙ آهي. هن اخبار جو پڻ ''ڪجلي'' ڪالم ۽ سمپادڪيہ ليکہ پاٺڪ تمام گهڻي چاھہ سان پڙهندا هئا ۽ خوب پسند ڪندا هئا. هيءَ اخبار هر سال پنهنجو ساليانو جلسو ۽ سنگيت سمراٽ ماسٽر چندر جو جنم ڏينهن ملهائيندي ايندي آهي. هن اخبار جو سمپادڪ هو شري موتيرام رامچنداڻي.

سچائي هفتيوار : هيءَ اخبار پڻ احمدآباد مان سنہ 1987 کان وٺي نڪرندڙ آهي. هن اخبار جو سمپادڪ پهرين هو شري پرسرام بوداڻي ۽ پوءِ ٿي شريمتي ريشما پاڳواڻي. هن وقت هن جو سمپادڪ آهي شري مرلي گوپلاڻي.

چٽگون هفتيوار : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ سنہ 1979 کان احمدآباد مان شايع ٿيندي هئي ۽ هن اخبار جو سپادڪ آهي شري مهيش پنجابي.

سنڌي سمراٽ : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان سنہ 1994 کان شايع ٿيندي هئي ۽ هن جو سمپادڪ هو شري چوئٿرام لعلچنداڻي. هيءُ اخبار ڪجھہ مهنا روزاني ٿي ڪري بہ شايع ٿي جنهن جي سمپادڪ منڊل تي شري ليلارام رُچنداڻي پڻ رهيو.

چندرپرڪاش : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ سنہ 1994 کان احمدآباد مان

گجرات ۾ سنڌي اخبار نويسي

گجرات پرانت ۾ پڻ سنڌين جي چڱي گهڻائي هئڻ سبب گجرات مان ڇڱيون روزاني، هفتيوار، پاکشڪ ۽ ماهوار اخبارون، مخزنون ۽ رسالا نڪرندا هئا ۽ اُنهن مان ڪن اخبارن ۽ رسالن تہ ڪافي نالو ڪڍيو ۽ خوب ڌوم مچائي ايتري قدر جو عوام ان اخبارن ۽ رسالي جو بي صبريءَ سان انتظار ڪندا هئا ۽ پڙهي لطف وٺندا هئا ۽ آنند ماڻيندا هئا ۽ پاڻ بہ پڙهندا هئا تہ ٻين کي پڻ پڙهائيندا هئا. ۽ جيستائين هنن کي پنهنجي من چاهيون اخبارون ۽ مخزنون نہ ملنديون هيون تيستائين اصل وائڙا پيا لڳندا هئا ۽ بي چئن ٻڻجي ويندا هئا.

گجرات مان نڪرندڙ اخبارون

ائين ڪڏي چئجي تہ گجرات ۾ روزاني اخبارن کان هفتيوار سنڌي اخبارون وڌيڪ نڪرنديون هيون جن ۾ ڪن اخبارن تہ خوب ڌاڪ ڄمائي ۽ سنڌن ڪالمن ۽ ليکن عوام ۾ چڱو اثر پيدا ڪيو هو ۽ ماڻهو اهي اخبارون تمام گهڻي چاهہ ۽ شوق سان پڙهندا هئا.

هفتيوار اخبارون

پرڪاش : هيءَ هفتيوار اخبار احمدآباد مان سنہ 1956 ۾ شايع ٿيندي هئي ۽ هن اخبار جو ڪافي نالو هو ۽ هن اخبار جي بي باڪ لکڻي ۽ نڊرتا عام جنتا ۾ بيحد پسند آئي. هن اخبار جو سمپادڪ هو شري گيان رشي.

گانڌيڌام سماچار : هيءَ هفتيوار اخبار سنہ 1965 ۾ گانڌيڌام آديپور کان نڪرندي هئي ۽ هن اخبار پڻ گانڌيڌام ۽ آديپور سان گڏ پوري ڪڇ پيج ۾ چڱو نالو ڪڍيو هو. هن اخبار جو سمپادڪ هو مشهور شاعر شري هوندراج دکايل.

جهوليلال هفتيوار : هيءَ اخبار احمدآباد مان 1966 کان ڇپجندي هئي ۽ هن اخبار ۾ پڻ برک ساهتيڪارن جا ليک ۽ رچنائون اينديون هيون. هن اخبار جو مالڪ ۽ سمپادڪ ڪجهہ وقت تائين شري ليلارام

سمپادڪ آهي شري پريم لکياڻي.

سنڌو ڪاويري : هيءَ اخبار پڻ ٿوري ئي وقت سنہ 2006 کان احمدآباد مان ڇپبجي آهي ۽ هن جو سمپادڪ آهي شري دليپ بچومل نئناڻي.

سنڌ جي جوت : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ سنہ 2006 کان احمدآباد مان شايع ٿيڻ لڳي آهي هن جو سمپادڪ آهي شري راجيش پچنلعل ٽيڪچنداڻي.

گرجر سنڌو : هيءَ (پاڪشڪ) ٻن هفتن واري اخبار راجڪوٽ مان ڇپجندي آهي ۽ هنجو سمپادڪ آهي شري جينت ريلواڻي.

پئروي : هيءَ ماهوار اخبار سنہ 1978 ۾ احمدآباد مان نڪرندي هئي جنهن جو سمپادڪ هو شريمتي ڪويتا اي. پمياڻي.

هنن سيني هفتيوار، پاڪشڪ ۽ ماهوار اخبارن سان گڏوگڏ احمدآباد مان ٻہ روزاني سنڌي اخبارون پڻ نڪرنديون آهن جن پڻ سنڌي سماج کي جاڳرت ڪرڻ ۾ چڱو ڪاريہ ڪيو آهي. هنن ٻنهي اخبارن مان آهن:

هندو روزاني : هيءَ روزاني اخبار سنہ 1986 کان وٺي احمدآباد مان شايع ڪئي ويندي آهي. هيءَ اخبار سنڌي سماج جي وڏي ۽ سٺي اخبار ليکي ويندي آهي ۽ هن اخبار جو سمپادڪ آهي شري ڪشن ورياڻي.

زندگي سماچار: هيءَ روزاني اخبار سنہ 2001 کان وٺي احمدآباد مان ئي ڇپجندي آهي. نئين اخبار هئڻ جي ناتي هن اخبار جي سمپادڪ شري دليپ رام رکياڻيءَ ڪافي محنت ڪري هن اخبار کي اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

مٿي ڄاڻايل روزاني، هفتيوار، پاڪشڪ ۽ ماهوار سنڌي اخبارن سان گڏوگڏ گجرات پرانت جي جدا جدا شهرن مان ڪافي تعداد ۾ ادبي مخزنون، ساهتيڪ، ناٽڪن ۽ فلمي رسالن سان گڏوگڏ ڪيترائي ٻال رسالا پڻ نڪرندا هئا جيڪي هيٺ ڄاڻائجن ٿا :

گجرات مان نڪرندڙ سنڌي رسالا ۽ مخزنون :

ڇپجندي هئي ۽ هن جو سمپادڪ هو شري تاراچند پوجواڻي.

ڪاروان هفتيوار : هيءَ اخبار پڻ احمدآباد مان شايع ٿيندي هئي ۽ هن جو سمپادڪ هو شري ڪوڏومل واڌواڻي ”جانب“.

گانڌيڌام ٽائيمس : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ گانڌيڌام مان ڇپجندي هئي. جنهن جو سمپادڪ هو شري ڀڳوان ابيچنداڻي.

سنڌو جوت : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان ڇپجندي هئي ۽ هن جي سمپادڪا هئي ڪماري ديا لعلچنداڻي.

سنڌو سجاوٽ : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان شايع ٿيندي هئي جنهن جو سمپادڪ هو شري ليلارام آسناڻي.

سنڌي احوال : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان ئي ڇپجندي آهي ۽ ڪجهه وقت روزاني طور پڻ ڇپي هئي ۽ هن اخبار جو سمپادڪ آهي شري سريش آهوجا.

سنڌو مترا : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان ڇپجندي هئي ۽ هن اخبار جو سمپادڪ هو شري گنگارام سمرات.

سورج : هيءَ اخبار پڻ هفتيوار طور احمدآباد مان ڇپبي هئي ۽ هن جو سمپادڪ هو شري رنگواڻي.

ديپڪ پرڪاش : هيءَ هفتيوار پڻ سال 2007 کان نيمائتي شايع ٿيندڙ آهي جنهن جو سمپادڪ آهي شري تاراچند پوجواڻي.

چيٽي چنڊ : هيءَ هفتيوار اخبار سنه 1976 کان وٺي نڙياد شهر مان ڇپجندي هئي ۽ تمام سٺين اخبارن ۾ ليکبي هئي ۽ ان جو سمپادڪ هو شري پريم لکياڻي.

آريہ وير : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان ڇپبي هئي ۽ هن اخبار جو سمپادڪ هو برکہ ليکڪ ۽ ڪوجنيڪ شري گنگارام سمرات.

اڄ جي زندگي : هيءَ هفتيوار اخبار پڻ احمدآباد مان سنه ١٩٩٨ کان ڇپجندي آهي جنهن جو سمپادڪ آهي شري منوج رامرکياڻي.

سنڌي پاشا : هيءَ هفتيوار اخبار نڙياد مان ڇپبي آهي ۽ هن جو

اسٽيج : سنہ 1976 ۾ احمدآباد مان هيءَ ناٽڪن جي هڪ تمام سهڻي، سٺي ۽ انوکي مخزن نڪرندي هئي، هيءَ ٽماهي مخزن هئي، ناٽڪن ۽ ناٽڪ نويسيءَ جي ڏس ۾ هن اسٽيج مخزن خوب ڌاڪ مچائي ۽ هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ تائين پهچڻ لڳي هئي. هند سنڌ جي اڪيلي ناٽڪي فن جي نمائندگي ڪندڙ مخزن هئي. سمپادڪ هو ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي.

رچنا : هيءَ ٽماهي مخزن سنڌالاجي طرفان آديپور ڪڇ مان نڪرندي هئي ۽ هن ساهتيڪ مخزن پڻ سٺو نالو ڪڍيو ۽ ڀارت سان گڏوگڏ ٻاهر تائين پڻ پهچندي هئي. هن مخزن جو سمپادڪ هو شري لکمي کلاڻي.

نذرانو : ڪافي مشهور ۽ ادبين جي پسند جو هي ٽماهي رسالو احمدآباد مان ڇپجندو هو ۽ هن جو سمپادڪ هو شري بي. ايچ. آڏواڻي ۽ هن مخزن جي سمپادڪ منڊل ۾ ڀڳوان نردوش، ارجن حاسد، جيٺو لالواڻي جهڙا ٻيا بہ ڪيترا شاعر، اديب ۽ ساهتيڪار ڪم ڪندا هئا.

سنڌو ساهتيہ : راجڪوٽ مان هي ماهوار رسالو ڇپيو ويندو هو هن سهڻي مخزن جو پرڪاشڪ هو شري لڇمڻ دبي ۽ سمپادڪ هو برک ساهتيڪار شري جينت ريلواڻي.

سنگيتا : سنہ 1966 ۾ بڙودا مان هيءَ ماهوار مخزن ڪڍي ويئي جيڪا پڻ هڪ سٺي ۽ معياري مخزن ليکي ويندي هئي ۽ هن مخزن جو سمپادڪ هو شري آنند ٽهلراماڻي.

سنڌو پارتي : ٻن مهنن واري هيءَ مخزن شري لڇمڻ دبي دوارا جهوناڳڙهہ مان شايع ڪئي ويندي هئي ۽ هن مخرن سان جيڪي ٻيا ساهتيڪار جڙيل هئا اُهي هئا سرو شري ارجن سچاڻي، راجڪماري بچاڻي، نامديو تاراچنداڻي، جينت ريلواڻي، نارائڻ جانياڻي ۽ رميش پارداساڻي.

چوڏس : ٻماهي هيءَ مخزن احمدآباد مان ڇپبي هئي. هن مخزن ۾ سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي ڀاشا کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ليکڪ ۽ ڪهاڻيون ڏنيون

مارئي : هي ٽماهي رسالو سنہ 1967 کان وٺي احمدآباد مان شايع ٿيندو هو ۽ معياري رسالن مان هڪ هو ۽ هن رسالي جو سمپادڪ هو شريمتي رجني پنجابي.

لهر : هيءَ ساليانِي مخزن احمدآباد مان سنہ 1967 کان شايع ٿي. هن مخزن جو سمپادڪ هو شري جينو لالواڻي ۽ هيءَ مخزن پڻ چڱي نالي واري هئي ۽ هڪ دفعو پڙهڻ سان سڄي سال تائين لهر اچي ويندي هئي.

ڪلي : هيءَ ماهوار مخزن سنہ 1969 ۾ احمدآباد مان ڇپجندي هئي ۽ هن ڪليءَ پڻ ان وقت ۾ ڪيترا ئي گل ڪلايا هئا ۽ هن مخزن جو مکيہ سمپادڪ هو شري جينو لالواڻي. ساٿي هئا شري ڪوڏو راولاڻي ۽ خوشحال موٽواڻي. هيءَ پارت پر ۾ پهرين سنڌي فلمي اخبار هئي جيڪا ”ڪلي ني سرڪل“ هلائي سنڌي سيتڪ ڪاريہ ڪرمن سان گڏ فلمي اداڪارن سان سنڌي جنتا سان مُڪاميلو ڪرائيندي هئي. آرگنائيزر هو شري جينو لالواڻي.

ڪلاڪار : هيءَ فلمي ماهوار مخزن پڻ سنہ 1969 جي آس پاس شروع ٿي. جنهن پڻ چڱي مشهوري حاصل ڪئي هئي. هن مخزن جو سمپادڪ هو شري چندر ساوناڻي.

سنڌيت : سنہ 1972 ۾ سنڌي سماج ۾ سنڌيت قائم ڪرڻ لاءِ ”سنڌيت“ نالي سان هيءَ مخزن ڪڍي ويئي ۽ احمدآباد مان ئي ڇپجندي هئي ۽ هن مخزن جا سمپادڪ هئا شري ڪيرت مهرچنداڻي ۽ سهہ سمپادڪ هو شري جينو لالواڻي.

جهلڪ : سنڌي ساهتيہ ۽ ڪلا نڪيتن سنستا طرفان سنہ 1973 ۾ احمدآباد مان هيءَ مخزن ڪڍي ويئي جنهن جي سمپادڪ منڊل ۾ هئا شري ڪيرت مهرچنداڻي، شري ڪنعيو گوپلاڻي ۽ شري جينو لالواڻي. هن جهلڪ جي جهلڪ ڏسڻ لاءِ پڻ پانڪ تمام گهڻو بيصبريءَ سان انتظار ڪندا هئا.

مان هر سال شايع ٿيندي آهي. هن مخزن ۾ پڻ برک ساهتيڪارن، شاعرن ۽ ناٽڪ ڪارن جون ڪويتائون ۽ ليک ڇپجندا آهن ۽ هن مخزن جو سمپادڪ آهي شري لعل هوتچنداڻي 'لاچار'.

گجرات ۾ وجود ۾ ۽ ڇپجندڙ هاڻي جون اخبارون

گهڻي افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته گجرات ۾ سنڌي پاڻڪن جي گهٽجڻ ۽ اسان سنڌين ۾ پنهنجي ماترڀاشا ڏانهن ڪوبه پريم، چاهه ۽ همدري نه هئڻ سبب هن وقت فقط ڪي ٿوريون ئي سنڌي روزاني ۽ هفتيوار اخبارون آهن جيڪي تمام گهڻي محنت ۽ جدوجهد ڪري وجود ۾ آهن باقي ڪيتريون سنڌي اخبارون، مخزنون ۽ رسالا بند ٿي چڪا آهن ۽ فقط ڪي ڳاڻ ڳڻيون اخبارون ۽ مخزنون وڃي بچيون آهن جيڪي پاڻڪن تائين پهچن ٿيون ۽ اهي اخبارون ۽ مخزنون سنڌي ٻولي، ساهتيه ۽ سڀيتا کي قائم رکي ويٺيون آهن. اُهي هلندڙ ۽ وجود ۾ ايندڙ اخبارون هن ريت آهن:

1. هندو روزاني : احمدآباد.
2. زندگي سماچار : روزاني، احمدآباد.
3. راشٽريه پريم : هفتيوار، احمدآباد.
4. سچائي : هفتيوار، احمدآباد.
5. سنڌي احوال : هفتيوار، احمدآباد.
6. چٽگون : هفتيوار، احمدآباد.
7. ديپڪ پرڪاش : هفتيوار، احمدآباد.

ٻيون ڪي هفتيوار اخبارون آهن جيڪي هر هفتي ريگيولر نه نڪرنديون آهن.

ٻال رسالا

هنن اخبارن، مخزنن ۽ رسالن سان گڏوگڏ گجرات ۾ ڪيترا ئي ٻال رسالا پڻ ڇپبا آهن جيڪي اسڪولي ٻارن کي ته ورهائجندا ئي آهن پر ڪيترن گهرن ۾ اسان جا ٻار پيءُ پينرون پريم سان پڙهندا آهن. هنن ٻال رسالن ۾

ويندڙيون هيون ۽ هن مخزن جو سمپادڪ هو شري ديالداس موتواڻي.

سپيتا : هيءَ مخزن بڙودا مان برڪ شاعر ڊاڪٽر لکميچند ’پريم‘ جي سمپادڪيءَ ۾ شايع ٿيندي هئي جنهن ۾ ڪويتائن سان گڏ سنڌي سپيتا ۽ سنسڪرتيءَ جا ليک پڻ شمار ڪيا ويندا هئا.

سڄني : هيءَ سهڻي مخزن پڻ احمدآباد مان ڇپجندي هئي ۽ هن مخزن جو سمپادڪ هو شري بي. ڪي. هوتچنداڻي عرف پڳوان ’نردوش‘.

پيجل : هيءَ مشهور مخزن پڻ احمدآباد مان شايع ٿيندي هئي ۽ هن ۾ سهڻن ساهتيڪار جا ليک ايندا هئا ۽ هن مخزن جو سمپادڪ هو شري ڪيرت مهرچنداڻي.

هوءَ : سنڌي يوٿ ائسوسئيشن احمدآباد جو ساليانو رسالو سمپادڪ منڊل تي هئا ڊاڪٽر سي. آر. گانڌي، ڊاڪٽر نند ايسراڻي، چينو لالواڻي ۽ گوبند خوشحالاڻي.

اشرميلا : هيءَ فلمي مخزن پڻ چڱي نالي واري هئي ۽ ڪافي مشهور ٿي هئي ۽ پڙهڻ لاءِ چڱو مصالحو هوندو هو هن مخزن ۾. هن مخزن جو سمپادڪ هو شري ديويداس ڪلواڻي.

هنن مخزنن سان گڏوگڏ ٻه ساليانيون مخزن پڻ ڇپجنديون آهن جيڪي پڻ ڪافي سٺيون ساهتيڪ مخزنون ليکيون ويندڙيون آهن ۽ هنن ۾ ڀارت ڀر جي مشهور شاعرن جون ڪويتائون، برڪ ساهتيڪارن جون ڪهاڻيون ۽ مضمون ڇپيل هوندا آهن. هنن ٻنهي جا نالا هن ريت آهن :

ادبي چمن : جيڪا ادبي مخزن گجرات سنڌي ساهتيه اڪادمي (گجرات راجيه) طرفان سال ۾ هڪ دفعو ۽ گهڻو ڪري اسان سنڌين جي ڏڻ اشٽ ديو جهوليلال جي چيٽي چنڊ جي ڏينهن شايع ٿيندي آهي. هن مخزن جي گهڻي ۾ گهڻي انڪن جو سمپادن ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ ڪيو آهي. سنڌي ادبي رسالي ’’مهراڻ‘‘ جي معيار جون سڪون لاهيندڙ آهي.

چوليون : هيءَ ساليانې مخزن اجنتا ڪلا منڊل سنستا طرفان گانڌيڌام

نيڪ پاڻ ڪي ڪهڙو فرق پوندو؟

ڏسجي ڪٿي ته اڳ ڪيترين اخبارن ۾ جدا جدا مشهور ليکڪن جا الڳ الڳ ڪالم ايندا هئا جيڪي ڪافي مشهور هوندا هئا ۽ پاٺڪ انهن کي پريم سان پڙهندا هئا. ڪن اخبارن ۾ ”ڪُڙ ڪبيتو“، ته ڪن ۾ ”گول گپوڙا“ ته ڪن ۾ ”رنڊٽي جي راٽي“ ته ڪن ۾ ”چرچن جي چٽٽي“ ته ڪن ۾ ”مربي جو آچار“ ته ڪن ۾ وري ”ڪتڪتائي“ ته ڪن ۾ وري ڌارمڪ ويچار ۽ آڌياتمڪ گيان جا ليک ايندا هئا جيڪي چاهه سان پڙهيا ويندا هئا.

پر هاڻي اُهي ليک ۽ ڪالم لڳ ڀڳ بند ٿي چڪا آهن ۽ سنڌي اِخبارون بي سواد بڻجي ويون آهن ۽ ڪي سنڌي اخبارون ته هٿ ۾ کڻڻ سان ئي پاٺڪ ويڙهي رکي ڇڏيندا آهن ته ڪيتريون ٻاهران آيل اخبارون کي ماٿو ته کوليندا ئي ڪونه آهن. ائين ئي بند پيون هونديون آهن. ان جو هڪڙو ڪارڻ ته اهو ئي آهي ته ڪيترن اخبار نويسن ۽ سمپادڪن کي ڪجهه لکڻ پڙهڻ ئي نه ايندو آهي ۽ هو ويچارا ڪو خاص پڙهيل پڻ نه هوندا آهن.

ڪن سنڌي اخبارن ۾ ته سمپادڪيه ليک جيڪي اخبار جو نڪ ۽ سان سمجهيا ويندا آهن اُهي سمپادڪيه ليک پڻ ندارد هوندا آهن. سماچار ...ڻ ايڊٽ ڪري ٿوري ۾ ڪونه ڏيندا آهن جيئن موڪليندو اٿن تيئن ...جو تيئن اکر به اکر ڇپي پورا به پنا اخبار جا پري ڇڏيندا آهن. سچ پچ ...هڙين اخبارن جي ڪري جيئن چوندا آهن ته ”سُڪن گڏ آلا به ٻري ...جن“ ان حساب سان هنن اخبارن جي ڪري ڪن سنين ۽ معياري اخبارن ...ي پڻ داغ لڳيو وڃي ۽ پاٺڪ ائين سمجهندا آهن ته ”ڍِون مڙئي ڪار ...ٿيون“ وانگر سيئي سنڌي اخبارون اهڙيون ئي بي معياري ۽ اشتهارن ...ان پريل ۽ بي فضول پنا ڪارا ڪيل هونديون آهن.

سنڌي اخبارن جي بند ٿيڻ جو هڪڙو ڪارڻ اهو پڻ ٿي سگهي ٿو. ...ڪي اسان جا پائر اخبارنويس انهن ويچارن جا پڻ آهن ته سنڌن اخبارون

هيٺ ڄاڻايل رسالا آهن.

ٻارڙا: هيءُ ٻال رسالو سنه 1977 ۾ ماهوار مخزن طور نڪرندو هو ۽
هن جو سمپادڪ هو شري موهن پنجواڻي.

گلشن: هيءُ ٻال رسالو پڻ احمدآباد مان تمام سهڻي نموني ۾ ٻارن
کي موهيندڙ ڇپجندو هو ۽ هن جو سمپادڪ هو شري رميش راجواڻي.

ٻال منچ: هيءُ ٻارن جو رسالو پڻ احمدآباد مان نڪرندو هو هن جا
سمپادڪ هئا شري هوندراج بلواڻي ۽ شري گهنشيام ساگر.

گلستان: هيءُ ٻال رسالو احمدآباد مان ڪافي سالن تائين شايع ٿيندو
رهيو. هن جا سمپادڪ ٿي رهيا شري رام پاڳچنداڻي گيان، شيام
رام ڪياڻي ۽ شري هوندراج بلواڻي. هن رسالي ٻارن جا ڪتاب پڻ شايع
ڪيا ته وري سنڌي اديبن جون رچنائون پڻ شايع ٿينديون هيون.

باغ بهار: هيءَ ٽماهي ٻال رسالو سنڌي ساهتيه اڪادمي، گجرات
راجيه طرفان هر ٽين مهني شايع ڪيو ويندو هو ۽ هن جو سمپادڪ هو
شري هوندراج بلواڻي.

سنڌي اخبارن ۾ ٻولي ۽ معيار

اها پڻ هڪ حقيقت آهي ته اڳيءَ جي ۽ اڄ جي سنڌي اخبارن جي
معيار ۽ ٻوليءَ تي نظر ٻوڙايون ته ڏسڻ ۾ ايندو ته اڳ وانگر اڄ جي
اخبارن ۾ نه ته معياري ڪالم ۽ ودوان ليکڪن جا ليکه ۽ دل کي ڇهندڙ
شعر و شاعري آهي ۽ نه ئي اڳ وانگر نامور ناٽڪ نويسن جا ناٽڪ ئي آهن
بس اخبارون اشتهارن سان جهنجهيون پيون هونديون آهن ۽ فوٽن سان
پريون ئي پيون هونديون.

ڪن اخبارن ۾ ته پوري ڪالم جي هڪ نيوز ۽ اهڙيون چار نيوز وجهي
اخبار جو هڪ پورو پيج ئي پورو ڪريو ڇڏين ۽ جيڪڏهن ڪا نيوز يا ڪ
مٽر نه هوندو اٿن ته ساڳيا ئي اشتهار ريپٽ ڪري ڇاپي ڇڏيندا آهن
هو به سوچيندا آهن ته اخبار ته ڪڍڻي آهي ۽ چار رپيه به پرڻا آهن، ب
پڇڻ جي انهن اشتهارن جو ڪجهه مليو نڌهن به نيڪ ۽ نه مليو نڌهن

نيتائن جا نالا ۽ منسٽرن جا (پورٽ فوليو) ڪاتا پڻ ڏنل نہ هوندا آهن تہ ڪن اخبارن ۾ تہ وري سرڳواسي ٿيل شخص کي حيات سمجهي هنن جا نالا سندن اخبارن ۾ ڇاپيا ويندا آهن.

سنڌي اخبارن تي ڪارا بادل ۽ رُڪاوٽون

ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي تہ اڄڪلهہ سنڌي اخبار سٺي ۽ ريگيولر نموني ۾ هلائڻ هڪ مڪڻ جي شيخ پڇائڻ مثل آهي ۽ اها پڻ هڪ حقيقت آهي تہ جهڙيءَ ريت سنڌي ٻولي آڪسيجن تي هلي رهي آهي ۽ پويان پساهہ کڻي رهي آهي ان ريت سنڌي اخبارون پڻ گنڀير حالت ۾ آهن ۽ اهڙو ڪو ڊاڪٽر ڪونہ ٿو ڏسڻ ۾ اچي جو هنن سنڌي اخبارن جي جياپي جو ڪو حل ڪڍي ۽ ڪو صحي علاج ڪري سگهي.

اها پڻ هڪ حقيقت آهي تہ سنڌي اخبارن تي ڪارا بادل ڇانيل آهن ۽ هنن اخبارن ۽ اخبار نويسن جي حالت هيٺي ۽ قياس جوڳي وڃي ٿي آهي. ان جو پڻ ڪو هڪڙو ڪارڻ هجي تہ ان جو ڪو رستو نڪري پوي پر هتي تہ اهو حساب لڳو پيو آهي جيئن چوندا آهن تہ ”بيمار هڪ پر بيماريون انيڪ“ ۽ هن اهم مسئلي تي جيڪڏهن گنڀيرتا سان ويچار ڪبو تہ اسان کي سنڌي اخبارن جي بند ٿيڻ ۽ باقي جيڪي بچيل آهن انهن جي وجود کي قائم رکڻ ۾ ڪافي تڪليفون ۽ رڪاوٽون نظر اچي رهيون آهن.

سنڌي اخبارن جي بند ٿيڻ ۽ نہ هلڻ جو هڪڙو ڪارڻ تہ اهو پڻ آهي تہ اسان ماڻهن پنهنجي ٻوليءَ لاءِ چاهہ ڏينهون ڏينهن گهٽجندو پيو وڃي ۽ اسان ۾ انگريزي ڀاشا جو (ڪريز) ڀاڱلن ڏينهون ڏينهن وڌندو ٿو وڃي. پلي اسان جي وڏي عمر جي پينرن ۽ بزرگن کي پوري انگريزي ۽ هندي ڀاشا نہ بہ ايندي هجي پر هوُ پنهنجي وڏماڻهپي ۽ نالي لاءِ سنڌيءَ ۾ نہ ڳالهائين انگريزي ۽ هنديءَ ۾ پڻ ڳالهائيندا پوءِ ڀلي هوُ انگريزي ۽ هندي ٻوليءَ جو ٽنگون ۽ ٻانهون ڀڃي ڇڏين پر هوُ ڳالهائيندا هندي ۽ انگريزيءَ ۾ ئي.

سندن گراهڪن تائين پهچڻ گهرجن پوءِ پلي اخبار ۾ پڙهڻ لاءِ ڪجهه
به نه هجي ۽ وتن آيل اخبارون بند ٿي پيون هجن.

پر ائين به ڪونهي ته سڀ اخبارون ساڳئي معيار جون آهن ۽ سڀئي
اخبار نويس گهٽ پڙهيل آهن ڪيترا سنڌي اخبار نويس جن اخبار کي
ڏنڌو واپار نه سمجهي ڪري پنهنجي شوق پري ڪرڻ جو ساڌن ۽ سماج ۾
سڄاڳي آڻڻ جو وسيلو سمجهيو آهي ۽ هنن انڪري ئي پنهنجي اخبار
شروع ڪئي آهي اهڙيون اخبارون جن ۾ هو هرروز جا چار ڇهه ڪلاڪ
لڳاتار ويهي خود سمپادڪيه ليکه ۽ سنيون رچنائون ۽ دل ۾ کُپندڙ ۽ چُپندڙ
ڪويتائون لکي پنهنجن اخبارن کي پاٺڪن ۾ پيارو ۽ سماج ۾ لوڪپريه
بڻايو اٿن اُهي اڄ به نالي واريون اخبارون آهن.

احمدآباد مان ڇپجندڙ راشتريه پريم هفتيوار اخبار پڻ اهڙين اخبارن
مان هڪ آهي جنهن جي هرهڪ اخبار ۾ سمپادڪيه ليکه ته هوندو ئي
آهي پر ان سان گڏوگڏ هن اخبار جو مشهور ڪالم ''کُجلي''، ''اڄ جو
چرچو''، ''گيان جي گنگا'' ۽ ''سنڌ جا سنت'' ۽ ''نگر نيوز'' سان گڏ
''سنڌي جڳت جو واهُ سواهُ'' پڻ پڙهڻ وٽان آهي ان جو ڪارڻ اهو پڻ
آهي ته اهڙين اخبارن جا سمپادڪ فقط اشتهار ڇاپڻ ۽ ٻين جي سماچارن
سان پنا پرڻ ۾ ئي پهنجي اخبار کي نه پريندا آهن پر هو پاڻ محنت
ڪري ۽ پنهنجي سمجهه ۽ دماغ سان وقت جي تقاضا ۽ حالتن موجب
پنهنجا ليکه، مضمون ۽ ڪويتائون لکي پاٺڪن کي خوش ڪرڻ سان
گڏوگڏ سماج کي پڻ سڄاڳ ڪندا آهن.

معياري ٻولي

اڄڪلهه جي سنڌي اخبارن جي معياري ۽ صحيح ٻوليءَ ڏانهن پ
نظر ورائبي ته ڏسبو ڪٿي ته گهڻين اخبارن ۾ اهي ڳالهيون نه پاتيو
ويندي آهن ۽ ڪيترن اخبار نويسن جي اخبارن ۾ سٺي ۽ صحيح ٻول
استعمال ڪيل نه هوندي آهي، ڪي جملا ته اهڙا پڻ لکيل هوندا آهن ج
جي مطلب ڪڍڻ ۾ ئي ڇڱو وقت لڳي ويندو آهي ۽ ڪن اخبارن

اسان جا پائر چوندا آهن تہ اسان کي ٽائيم ڪونهي جيتوڻيڪ هو سڄو ڏينهن گهر ۾ ٽي وي ڏسندا آهن. وينا هوندا آهن ۽ پيا ٽي.وي. ڏسندا آهن تہ ڪي وري چوندا آهن تہ سائين اسانجي هاٽي نظر پڻ گهٽ ٿي ويئي آهي جيتوڻيڪ هو ''انڊيا ٽڊي'' مخزن بہ پڙهي ويندا آهن تہ گهر ۾ ويٺي ويٺي اڪائونٽ چوپڙي جو ڪم پڻ ڪري ويندا آهن تہ بزار مان گهرواريءَ سان گڏ گهمي بہ ايندا آهن تہ ڪائي پڪچر پڻ ڏسي ايندا آهن ان مهل هنن جي نظر ٺيڪ هوندي آهي.

ڪي تہ وري اهڙا بہ پريوءَ جا پيارا هوندا آهن جو جڏهن وٽن ڪنهن سنڌي اخبار جو چندو وٺڻ ويندو آهي تہ ڪين چوندا آهن تہ سائين سياڻي اڄڪلهہ چوڪري ڪان پڇان پوءِ وٺي وڃجو. پر جيڪڏهن ڪاڪو پاڻ دڪان تي نہ هوندو ۽ چوڪرو ويٺو هوندو تہ اهو وري چوندو تہ دادا سان صلاح ڪريان، بہ ڏينهن رکي اچجو ۽ هنن پيءُ پٽن جي هنن قسم جي وارتالاپن مان ائين لڳندو آهي تہ هي ٻئي ڪو پنجين ستين لکين وارو ڪو بنگلو ٿا خريد ڪن جنهن لاءِ هنن ٻنهي پيءُ پٽن کي صلاح ڪرڻ پاڻ ۾ ضروري آهي.

ڪيترا تہ وري پنجاهہ سؤ رپيہ اخبار جو چندو ڏيڻ لاءِ اهو بهانو ڪندا آهن تہ سائين ڌنڌا ٺي ڪونہ آهن، مهنو بہ ترسو تہ پوءِ ڏينداسون پر ٻڌڻ ۾ ائين ايندو آهي تہ ههڙي منديءَ ۾ پڻ ان ڪاڪي جي بنگلي تي هرروز يارن دوستن سان گڏ محفل ٿيندي رهندي آهي ۽ پيئڻ کائڻ جو پروگرام هرروز رکيو ويندو آهي جنهن ۾ بہ چار سؤ خرچ ٿي وڃڻ تہ معمولي ڳالهہ آهي.

پاڻ کي ڪيترا سنڌي اڳوان سڏائيندڙ شخص جيڪي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي بچائڻ جي بهاني هر وقت پيا ڪي نہ ڪي پروگرام ڪندا آهن ۽ چڱو چوکو ناڻو خرچي پنهنجا فوٽو کڍائيندا آهن ۽ اخبارن ۾ پنهنجو نالو ڇپائيندا آهن ۽ وڏن وڏن ماڻهن.سان هٿ ملائي فخر محسوس ڪندا آهن انهن وٽ پڻ جيڪڏهن ڪو سنڌي اخبارنويس اخبار جي

اهو پڻ ڪارڻ آهي جو سنڌي اسڪولن ڪي عليڳڙهہ جي تالن لڳڻ سان گڏوگڏ اسان سنڌين جي گهرن ۾ پڻ سنڌي ڳالهائڻ جو استعمال گهٽجي ويو آهي ۽ جيئن چوندا آهن تہ ”چري ڪيئن جي ويران وڏ“ وانگر ڏينهون ڏينهن اسان جي گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو گم ٿيندو پيو وڃي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو خاتمو ٿيندو پيو وڃي ۽ ائين ڪٿي چئجي تہ جيئن چوندا آهن تہ ”گهر ڪو آگ لگي هئہ گهر ئي ڪي چراغ سي“ ان ڳالهہ وانگر خود اسين سنڌي ئي سنڌي ٻوليءَ جي قبر کوٽي رهيا آهيون ۽ افسوس جي ڳالهہ تہ اها پڻ آهي جو ان ڳالهہ تي ڪو ڏکہ ظاهر ڪرڻ جي بدران فخر محسوس ڪري رهيا آهيون.

افسوس تہ ان ڳالهہ جو پڻ آهي جو اسان جا سنڌي اڳوان، نيتائون ۽ سنستائن جا ٺيڪيدار جن ڪي منچ تي وهاري هنن جو سنمان ڪيو ويندو آهي ان مهل تہ هوُ پڻ پنهنجون ٻُلغاري تقريرون ڪري ”سنڌي ٻولي امر رهي“ جا نعرا تہ هڻندا آهن پر ڪين اها خبر نہ پوندي آهي تہ خالي نعرن هڻڻ سان سنڌي ٻوليءَ جو ڪو اُڌار ٿيڻو ڪونهي ۽ نہ ئي سنڌي ساهتيہ جو ڪو وڪاس ٿيندو. ڇاڪاڻ تہ هنن ٻهروپين سنڌي اڳوانن جو خود ٻار پڻ ڪانوينٽ اسڪولن ۾ پڙهندا آهن تہ هنن جي گهرن ۽ آفيسن ۾ پڻ سنڌيءَ ۾ نہ پر انگريزي يا هنديءَ ۾ ڳالهايو ويندو آهي ۽ هرڪو ڪم ڪيو ويندو آهي غير سنڌي ڀاشائن ۾.

سنڌي اسڪولن جي بند ٿيڻ سان نئين ٿهي سنڌي ٻوليءَ کان محروم ٿي وڃن ۽ افسوس ان ڳالهہ جو پڻ آهي تہ جن اڌيڙ عمر جي ڀائرن ۽ بزرگن کي جن کي سنڌي پڙهڻ ۽ لکڻ ايندي آهي اُهي پڻ ڪونہ ڪو بهانو ڏيئي سنڌي اخبارون نہ پڙهڻ ۽ سنڌي اخبارن جا چندا ڀرڻ ۾ آناڪاني ڪندا آهن حالانڪ جيڪڏهن هوُ ڪنهن سنڌي اخبار جو سؤ ٻہ سؤ رپيہ چندو ڀرڻ چاهين تہ هنن لاءِ ڪا اها ڪائي وڏي ڳالهہ ڪانهي ۽ هوُ آرام سان ڀري سگهن ٿا. پر هنن جي دل مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي.

اسان جي هنن ڀائرن جي بهانن جي پڻ ڪا حد ٿيندي آهي ڪي

۽ اڳيان آڻڻ ۾ هٿ ڏکيڙڻ گهرجي ۽ هنن کي پڻ چندا پيري اخبارون پاڙهڻ جي پاڻ ۾ عادت وجهڻ گهرجي چاڪاڻ ته هنن کي رٽاير ٿيڻ کانپوءِ ايتري ته پينشن ۽ ان سان گڏوگڏ ڪانه ڪا انڪم هوندي آهي جو هو پنهنجي گهر جي گاڏي سولي هلائڻ کانپوءِ پڻ ڪنهن سنڌي اخبار جو معمولي ۽ تمام ٿورو چندو آرام سان پيري سگهن ٿا ۽ سنڌي اخبارن کي سهڪار ڏيئي سگهن ٿا جيئن اسان جي سنڌي ٻولي قائم رهي سگهي ۽ سنڌي پاشا گهر - گهر پهچي سگهي پر اهو سڀ تڏهن ٿي سگهندو جڏهن هنن کي پڻ پنهنجي جيجل سنڌي ٻوليءَ سان ڪو پيار ۽ پريم هجي.

حقيقت ۾ ڏسجي ته سنڌي اخبارون ۽ سنڌي اخبارنويس پنهنجي سنڌي سماج لاءِ جيترو پاڻ پتوڙين ٿا ۽ راتيون جاڳي، پنهنجو قلم هلائي سنڌي سماج کي سجاڳ ڪرڻ ۽ سماج مان ڪُريتيون ۽ خراب رسمن کي تڙي ڪڍڻ لاءِ ڪوشش ڪن ٿا هنن کي اوترو اُجورو ۽ مان سنمان ڪونه ٿو ملي. جيڪا ڳالهه سچ پچ هڪ ناانصافيءَ مثل آهي.

معائنو ۽ نظريو

ان ۾ پڻ ڪو شڪ ڪونهي ته جيڪڏهن ايمانداريءَ سان سنڌي اخبارن جو معائنو ڪبو ۽ هنن تي نظر ڊوڙائبي تہ ڏسڻ ۾ ايندو ته سنڌي اخبارون اڳہ کان سونهن ۽ سجاوٽ ۾ ڪافي وڌيل آهن، هنن اخبارن جو گيٽ اپ ۽ آڪرشڻ پڻ پهرين کان گهڻو وڌيل آهي ۽ اڳہ ۾ جيڪي چمٽيءَ سان هڪ هڪ اکر ڪٽي اخبار ڪمپوز ڪبي هئي ۽ ٽريڊل مشين تي ڇپبي هئي ۽ ڪنهن سياسي نيتا يا منسٽر جو فوٽو ڇاپڻ لاءِ پهرين هن جو بلاڪ ٺهرائڻو پوندو هو ۽ ان لاءِ پڻ هڪڙو دفعو اهو فوٽو ڪنهن بلاڪ ميڪر کي بلاڪ ٺاهڻ لاءِ ڏيئي اچبو هو ۽ پوءِ وري ٻئي ٽئين ڏينهن چڱو چوکو ٽائيم وڃائي ڪٽي اچڻو پوندو هو ۽ ان کانپوءِ پڻ ان نيتا جو فوٽو ڪو خاص سنو نه ڇپبو هو، هاڻي اها ڳالهه ڪانهي. هاڻي چمٽين سان ڪمپوز ڪرڻ ۽ ٽريڊل مشين سان هٿ ڪارا ڪرڻ ۽ اخبار جي سونهن بگاڙڻ جو وقت هلي ويو آهي.

چندي لاءِ ويندو آهي تہ كيس خالي هٿين واپس موٽو پوندو آهي ۽
كونہ كو بهانو كري هنن كي ٽركايو ويندو آهي.

سچ پچ اهڙن بهروپي نيتائن جي تہ عوام جي اڳيان اوگهڙ كري هنن جو اصلي چهرو عام جنتا جي اڳيان اڻڻ گهرجي جن جي كائڻ جا ڏند هكڙا تہ ڏيكارڻ جا ڏند ٻيا هوندا آهن ۽ هو همیشہ اسان جي اڳيان سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت كي بچائڻ لاءِ نقلي مگرمڇ واريون آنسون وهائيندا رهندا آهن ۽ اسان كي بيوقوف بڻائيندا رهندا آهن. سمجهہ ۾ نٿو اچي تہ اهڙن شخص مان سنڌي ٻولي ۽ اخبارن كي بچائڻ جي كهڙي اُميد كجي.

كيترا تہ اسانجا اهڙا بہ سُكيا ستابا پائر آهن جيكي مفت ۾ ئي سنڌي اخبارون پڙهڻ پسند كندا آهن. پلي هنن كي چار ڇهہ مهنا مفت ۾ اخبارون موكليو پر جڏهن هنن كان كوئي اخبارنويس ان اخبار جو چندو گهرڻ ويندو آهي تہ پوءِ هوُ سوين بهانا كري اخبار جو چندو نہ ڏيڻ جي كندو آهي. پهرين تہ هو چوندو تہ سائين اسان كي توهان جي اخبار ملندي ئي ناهي يا تہ هو ائين پڻ چئي ڏيندو آهي تہ سائين اسان كي تہ سنڌي ايندي ئي كانهي، توهين اجائي ٿا اخبار موكليو پر هو سياڻو چندو اصل نہ ڏيندو.

كيتريون سنڌي سنستائون جن جا لكين رپيا فكس ڊپازٽ ۾ جمع هوندا آهن ۽ هوُ هر وقت چڱو چكو ناڻو خرچي پنهنجا پروگرام پيا كندا آهن ۽ ٻن ٻن پنن جا سماچار پڻ ڇاپڻ لاءِ موكليندا آهن ۽ موٽ ۾ ائين پڻ لكندا آهن تہ مهرباني كري هيءَ نيوز پنهنجي اخبار ۾ ڇاپڻ كانپوءِ هك كاپي اسان كي پڻ موكلي ڏيندا پر اهڙين سنستائن جي اڳوانن كي پڻ جڏهن اخبار جو چندو ڏيڻ يا كنهن ڏڻ وار تي كو ننڍو وڏو اشتهار ڏيڻ لاءِ چئبو آهي تہ اهي پڻ نك چبو كري چڏيندا آهن ۽ خط لكڻ سان كو جواب ئي نہ ڏيندا آهن.

اسان جي اديب ۽ ساهتيكار پائرن كي پڻ سنڌي اخبارن كي بچائڻ

اخبارون سنڌي سماج ۾ لوڪپريتا حاصل ڪري چڪيون آهن ۽ عوام ڪي پسند پيون آهن اُنهن جي سمپادڪن کي هنن جي قدرشناسي ڪري ڪين اوارڊ ۽ انعامن ڏيڻ جي صورت ۾ پڻ چڱي چوکي مدد ڪري سگهن ٿا.

ان سان گڏوگڏ اسان جا جيڪي (اين.آر.آءِ.) وديش ۾ رهندڙ سنڌي پائر ۽ پينرون آهن اهي پڻ سنڌي اخبارن جا چندا پري اخبارون پاڻ وٽ، دبئي، هانگ ڪانگ يا سينگاپور جتي به پاڻ رهندا هجن اُتي پڻ اُهي اخبارون گهرائي سگهن ٿا پر جيڪڏهن هو سنڌي پڙهي نٿا سگهن ته ڪين اشتهارن يا ٻئي ڪنهن روپ ۾ پڻ هو سنڌي اخبارن کي سهايتا ڪري سگهن ٿا ۽ هنن شخص لاءِ سنڌي اخبارن کي ڪابه مالي مدد ڪرڻ يا هنن اخبارن کي سهڪار ڏيڻ ڪائي وڏي ڳالهه ڪانهي.

سنڌي اخبار نويسن کي پڻ گهرجي ته پاڻ ۾ يڪمشت ٿي اخبار نويسن جي ڪائي نشچت ۽ سٺي سنستا ناهي پاڻ ۾ سپ هڪ ٿي پنهنجون مشڪلاتون ۽ تڪليفون هنن اين.آر.آءِ. پائرن جي اڳيان رکن ۽ ڪين سنڌي اخبارن ۽ سنڌي ٻولي، ساهتيه، سيتا ۽ سنسڪرتي بچائڻ لاءِ ڪين اثردار اپيل ڪن ته ضرور ڪجهه نه ڪجهه ٿي پوندو ۽ هنن جي ڪيل محنت سڦل ٿيندي ۽ هنن جو ڪونه ڪو پلو ٿي پوندو ۽ سنڌي اخبارن جي وجود کي ڪجهه ٻل ۽ طاقت ملي ويندي ۽ هنن جي اڳيان آيل ڪارا بادل هٽي ويندا.

سرڪاري ادارا پڻ سنڌي اخبارن کي هلائڻ لاءِ چڱا سهايڪ ۽ مددگار ثابت ٿي سگهن ٿا. جهڙيءَ ريت ڪيترين پراٽين ۽ سرڪار دوارا مانيه ٿيل اخبارن کي هر سال گجرات سرڪار وقت به وقت ڪنهن ڏڻ وار تي يا نيتائن ۽ شهيدن جي جنم ڏينهن تي يا سندن پڻيه‌تٿين تي اشتهار ڏيئي سنڌي اخبارن کي همٿائيندا آهن اهڙيءَ ريت گجرات ۾ ٻيا سرڪاري ادارا پڻ سنڌي اخبارن لاءِ سهايڪ بڻجي سگهن ٿا ۽ هنن سرڪاري ادارن ۾ گجرات جي سنڌي ساهتيه اڪادميءَ سان گڏوگڏ

هاڻي ڪمپيوٽر يگ ۾ اخبار جي ڪمپوز ڪرڻ سان هڪڙو ته ٽائيم جي به بچت ٿيو وڃي ۽ بيو وري مئٽر پڻ وڏيڪ اچيو وڃي ۽ ٽيون وري اخبار جي سونهن ۽ سوڀيا پڻ اُڀري ٿي اچي ۽ اُن ڪانپوءِ وري آفسيٽ مشين تي اخبار جي ڇپائيءَ سان پڻ ان اخبار ۾ جڻ تہ هڪ جان ٿي اچي وڃي ۽ هٿ ۾ کڻڻ سان يا اها خواهش ٿيندي آهي تہ هيءَ اخبار ضرور پڙهان ۽ پوري ڪريان. پر افسوس ان ڳالهہ جو آهي جو ڪمپيوٽر ئي اخبار ڪمپوز ڪرائڻ ۽ آفسيٽ مشين تي اخبار ڇپائڻ ۽ اخبار جي سونهن سوڀيا وڌائڻ ۽ سنڌي اخبارن جو نالي ماتر چندي هئڻ ڪانپوءِ پڻ اسانجي سنڌي سماج مان سنڌي اخبارن کي گهربل ۽ واجبي اُجورو نٿو ملي سگهي ۽ سنڌي اخبارن جا ڏينهن ڏينهن پويان پير لڳا پيا آهن ۽ سنڌي اخبارن جي وجود کي قائم رکڻ هڪ ناممڪن وانگر پيو لڳي ۽ ڏاڍو ڏکيو ڪم ٿو لڳي.

اسان سيني کي گڏجي سنڌي اخبارن کي بچائڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ کي گهر گهر پهچائڻ لاءِ پاڻ ۾ ڪلهي سان ڪلهو ملائي، يڪمشت ٿي ڪري دل و جان سان ڪوشش ڪرڻ گهرجي. جنهن ۾ اسانجي سنڌي سماج جو نالو روشن ٿي سگهي ۽ اسان جو آواز پوري ديش ۾ گونجڻ لڳي ۽ ديش جي حڪمرانن تائين پهچي سگهي ۽ اسانجا حق حقوق پڻ قائم رهي سگهن.

خانگي سنستائون ۽ سرڪاري ادارا

سنڌي اخبارنويسي ۽ سنڌي اخبارن جي هن ڪمزور ۽ قياس جوڳي حالت ۾ اسانجي سنڌي سماج جون جيڪي خانگي سنستائون ۽ هنن کي هلائيندڙ اسان جا شاهوڪار ۽ دانوير پائر آهن اهي ئي سنڌي اخبارن کي ڪافي مدد ڪري سگهن ٿا ۽ هوُ سنڌي اخبارن جا آجيون چندن پرڻ سان گڏوگڏ سال ۾ ٻن ٽئن راشٽريہ تهوارن ۽ ڏڻن وارن تي پنهنجي سنستائن جا اشتهار يا پنهنجي طرفان شڀ ڪامنائون ڏيئي پڻ سنڌي اخبارن جي همت افزائي ڪري سگهن ٿا ۽ اُن سان گڏوگڏ سنڌي اخبارون جيڪي تمام جهونيون ۽ معياري اخبارون ليکيون ٿيون وڃن ۽ جيڪي

هنن لاءِ ڪائي وڏي ڳالھ ڪانهي.

هئڻ تہ ائين پڻ گهرجي تہ هنن سنتن ۽ مهاتمائن ۽ هنن جي مڙهين، درٻارين ۽ آشرمن طرفان سنڌي اخبارن کي مدد ڪرڻ سان گڏوگڏ هنن سنتن کي پنهنجن ئي ششن ۽ چيلن کان پڻ سنڌي اخبارن کي سنُو سهڪار وٺي ڏيڻ لاءِ هنن کي ڪا اپيل ڪرڻ گهرجي ۽ هنن کي ڪو حڪم ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ سنت ڪرپا جا ساگر ۽ ديا جا پاتر هوندا آهن ۽ اهڙي ڏکئي وقت ۾ هي ساڌو ۽ سنت ئي ڪنهن جو ڪلياڻ ڪري سگهندا آهن ڇاڪاڻ تہ پرماتما هنن کي هر معاملي کي منهن ڏيڻ جي شڪتي ڏني آهي پوءِ چاهي اُهو ڪنهن جو گهرو معاملو هجي يا سماج جو سوال.

اسانجي سماج جا سياسي نيتا ۽ راجنيتي ڪاريہ ڪرتا پڻ سنڌي اخبارن ۽ اخبار نويس جي هرڪا مدد ڪري سگهن ٿا ڇاڪاڻ تہ راجنيتي ۾ اچڻ يا ڪا ڪرسي ملڻ ڪانپوءِ هنن جي پڻ غريبي دور ٿي ويندي آهي ۽ هوُ هر طرح سکي بڻجي ويندا آهن ڇاڪاڻ تہ اڄڪلھ هنن کي ملندڙ پگهارون، ڀتا ۽ ٻيون سهوليتون ايتريون تہ هونديون آهن جو هي سڀ مالامال ٿي ويندا آهن ۽ هنن کي ٻئي ڪنهن کي پڻ مدد ڪرڻ جي سمرٿي ۽ شڪتي ايشور ڏيندو آهي.

ان ڪانسواءِ سنڌي سماج جو نيتا يا راجنيتي ڪاريہ ڪرتا هئڻ جي ناتي پڻ هن جو اهو اخلاقي فرض ٿو بڻجي هو سنڌي اخبارن کي، سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت کي بچائڻ جي هرڪا ڪوشش ڪن ۽ دل و جان سان مدد ڪن جيئن سنڌي سماج ۾ پڻ هنن جو نالو، يش ۽ ڪيرتي وڌي ۽ هوُ هميشھ ڪرسيون حاصل ڪندا رهن ۽ پاڻ کي خوش رکڻ سان گڏوگڏ سنڌي سماج کي پڻ خوش رکي سگهن ۽ نہ فقط اخبار نويسن جي پر سماج جي هر ورگہ ۽ هرهڪ اِنسان جي سهايتا ڪرڻ هو پنهنجو ڪرتويہ ۽ فرض سمجهن.

ان ۾ پڻ ڪو شڪ ڪونهي تہ سنڌي سماج جي اڳوانن ۽ نيتائن جي

راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد پڻ سنڌي اخبارن کي لائيف ميمبرشپ چندا ڏيڻ ۽ سال ۾ هڪ دفعو پنهنجا اشتهار ڏيڻ جي انداز ۾ ڪجهہ وڌيڪ اضافو آڻي هوُ سال ۾ چار پنج دفعا ڏڻ وار ۽ راشٽريہ پروَن تي سنڌي اخبارن کي اشتهار ڏيئي سگهن ٿا چاڪاڻ تہ هنن سرڪاري ادارن جي هر سال جي بجيٽ موجب هنن کي هن قسم جي مدد ڪرڻ ۾ ڪابہ تڪليف درپيش نہ ايندي.

سنت مهاتمائون ۽ ڌارمڪ سنستائون

اها پڻ هڪ حقيقت آهي تہ اسانجي سماج ۾ ڪافي تعداد ۾ اهڙا پڻ سنت ۽ مهاتمائون آهن جن کي ڀڳوان سڀ ڪجهہ ڏنو آهي، هنن وٽ ڪروڙين رپين جي جائداد ۽ سمپتي هئڻ سان گڏوگڏ لکين رپين جي هرروز آوڪ ۽ آمدني پڻ آهي ۽ ڪڏهن ڪڏهن ائين پڻ ٻڌڻ ۾ ايندو آهي تہ فلاڻي سنت جا ڪروڙين رپيہ ڪنهن ٻئنڪ جي کُٽڻ ۽ ڏيوالي ڏيڻ ۾ هلي ويا تہ لکين رپيہ ڪنهن زمين جي سوُدي ۽ آشرم ناهڻ ۾ ڪن غلطين سبب هلي ويا. اهڙا سنت آشرم ۽ سنت منڊليون جن لاءِ پنج ڏهہ هزار ڪنهن کي مدد ڪرڻ هنن جي لاءِ ڪائي تڪليف واري ڳالهہ ڪانهي اهي پڻ ڪنهن نہ ڪنهن روپ ۾ سنڌي اخبارن کي مدد ڪري سگهن ٿا بشرطيڪ يا تہ هنن جي دلين ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اخبارن کي قائم رکڻ جي ڪا ڀاونا پڙڪو ڪائي يا تہ اسين هنن کي پنهنجين تڪليفن ۽ ڪنناين کان واقف ڪري سگهون ۽ اهڙو تہ متاثر ڪريون جو هو پنهنجو هٿ اڳيان وڌائي، اسان جو جهوليون ڀرين ۽ اسان جي مٿان آشيرواد جو هٿ رکن.

حقيقت ۾ ڏسجي تہ اڄ پيسو پڻ واپارين، اُديوگپتين ۽ ڪارخانيدارن کان وڌيڪ آهي ساڌن سنتن ۽ آشرمن ۾ يا تہ اڄڪلهہ جي مالدارن سياسي نيتائن وٽ انڪري جيڪڏهن ڪوبہ سنت ۽ مهاتما اسان تي مهر جي نظر رکي ۽ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اخبارن کي پنهنجو ڪري سمجهي تہ هنن لاءِ سنڌي اخبارن جي وجود واسطي ڪجهہ ڪرڻ ۽ سهڪار ڏيڻ

هندستان ۾ شايع ٿيل اخبارون

”ڀارت جيون“، پندرهن روز اخبار نڪرندي هئي ۽ سرڳواسي هوندراج داس جي نالي تي، سندس پٽ راجا داس ”نيو سنسار سماچار“ ڪيندو هو. اُلهاسنگر مان هفتيوار ”دنيا“، ”رهبر“، ”ڪلياڻ سماچار“، ”چنگاري“ ۽ روزاني ”نگرواسي“، ”مهراڻ“ نڪرن ٿيون. پر نارائڻ ڀارجيءَ جي ”سنڌي ٽائيمس“ ۽ هري تنواڻيءَ جي ”مهراڻ“ سيني کان وڌيڪ هلي رهيون آهن. اهڙي طرح پوني مان ”نرگس“ ۽ ”هلچل“، اندور ۽ اجمير مان ”هندو پومي“، ”ڏاهرسين“، احمدآباد مان ”جهوليلال“، ڀوپال مان ”چئلينج“ ۽ ڪانپور مان ”سنگهٽن“ نڪرنديون هيون.

مکيه ادبي مخزنن ۾ جن وارو وڃايو ۽ بعد ۾ بند ٿي ويون سي ”نئين دنيا“، ”سهڻي“، ”راڻي“، ”آڪاڻي“، ”رابيل“، ”ڪويتا“، ”ساهت ڌارا“، ”سنڌو ڌارا“ ۽ تمامي ”سنڌو“، ”اسٽيج“ سنڌي ناٽڪن ۽ رنگ منچ جي اڪيلي مخزن آهن. 1960ع ڌاري، ”ڪونج“ رسالي جو پايو ۽ اڄ ان پنجاهه سال پورا ڪيا آهن. ان ڪانسواءِ ”رچنا“، ”زندگي“، ”راجفلمستان“ ۽ ”گلستان“ رسالا پڻ بند ٿي ويا. صرف ”رچنا“ ۽ ”سپون“ باقاعدي شايع ٿي رهيا آهن جيڪي پنهنجي پنهنجي ميدان ۾ وڏي خدمت ڪري رهيا آهن.

هندستان ۾ نڪرندڙ روزانه، هفتيوار، پندره روزه ۽ ماهوار اخبار جي وچور هيٺ ڏجي ٿي.

اخبار جو نالو	ايڊيٽر جو نالو	هنڌ
	(روزانه)	
1- ڀارت پومي	رميش رامچنداڻي	اُلهاسنگر
2- نگرواسي	ڪي. آر. هرچنداڻي	اُلهاسنگر

پوءِ چاهي اُهو شخص ڪنهن پنچايت جو پرمک هجي يا ڪنهن سنستا جو سيڪريٽري هجي يا هو راڄنيتي ۾ اچڻ ڪانپوءِ ھوُ ڪارپوريٽر بڻجي يا ايم. ايل.اي. يا ايم.پي. هن جي سرگرمين جا سماچار سڀ ڪان پهرين سنڌي اخبارن ۾ ئي ايندا آهن ۽ ان ڪانپوءِ پڻ ٻين غيرسنڌي اخبارن ۾ ايندا آهن انڪري هنن جو پڻ اهو فرض آهي تہ جهڙيءَ ريت سنڌي اخبارون هنن کي هر طرح جو سهڪار ڏين ٿيون ان ريت هنن سياسي نيتائن جو پڻ اهو اخلاقي فرض آهي تہ هو پڻ هن مصيبت جي گهڙيءَ ۾ سنڌي اخبارن کي هر قسم جو سهڪار ڏين.

پڇاڙيءَ جو ائين لکڻ ۾ ڪو وڌاءُ نہ ٿيندو تہ گجرات ۾ هاڻي سنڌي اخبارن ۽ سنڌي اخبار نويسيءَ جو آئينده روشن ڪونهي. انڪري اچو تہ سماج جا سڀئي ورگ هڪ ٿي اڳيان اچون ۽ سنڌي ٻولي، ساهتيہ، سنسڪرتي ۽ سنڌي اخبارن ۽ سنڌي اخبار نويسيءَ جي وجود کي قائم رکڻ لاءِ هرڪا ڪوشش ڪريون تڏهن ئي اسين پنهنجي سماج جا سچا ساٿي ۽ وفادار سنتان پاڻ کي ثابت ڪري سگهنداسون.

❒ ❒ ❒

22-	فرض	راجيش رانجهومل اُڏاڻي 'گائيڊ'	ڀوپال
23-	ڪام ديو	ڀڳوانداس هرچنداڻي	ڀوپال
24-	گانڌيڌام سماچار	هوندراج دڪايل	آديپور
25-	گيان ڌارا	سدورومل راجپوت	ڀوپال
26-	نيو سنسار سماچار	راجا هوندراج داس	آديپور
27-	هلچل	اجيت ڪشور	پونو
28-	هندواسي	تيرٿ سياڻي	بمبئي
29-	هندواسي	ڪشن موٽواڻي	اجمير
30-	هندو يومي	ديپڪ ڪوڏواڻي	انڌور
31-	هندو يومي	نانڪرام ايسراڻي	اجمير
32-	يڳ ڌارا	ڪرشن لعل بجاج	اُلهاسنگر
33-	جهلڪ	چينو لالواڻي - ڪيرت مهرچنداڻي	احمدآباد
34-	ڪاروان	ڪوڏومل واڌواڻي 'جانب'	احمدآباد
35-	سنڌي سمراٽ	چوئٿرام لعلچنداڻي	احمدآباد

(پندرهن روزه)

1-	آريہ مارگ	اشوڪ ويڙهومل ڪشوراڻي	بمبئي
2-	ڀارت جيون	پونم چندروملاڻي	بمبئي
3-	ديشواسي	ٻچارام جيئندرام مولچنداڻي	اُلهاسنگر
4-	سمراٽ ڌاهرسين	ڪمل ڪمار سچديو	بمبئي
5-	سنڌو واسي	موهن امل مل قتناڻي	اُلهاسنگر
6-	نرگس سنديش	راڌيڪا منسڪاڻي	بمبئي

(ماهوار)

1-	امن - اي - هند	ديو جهوڙاڻي	ڀوپال
2-	آسان راهہ	موتيرام منڌياڻي ۽ ڪنعيالعل ايسراڻي	جبلپور
3-	ڀارت ٽائيمس	رميش رامچنداڻي	اُلهاسنگر
4-	پيروي	ڪويتا ارجن پمياڻي	احمدآباد

3-	هندستان	هاسومل ايسرداس ماکيجاڻي	بمبئي
4-	هندو	ڪشن ورياڻي	احمدآباد- اجمير- بمبئي
5-	زندگي سماچار	دليپ رامرکياڻي	احمدآباد

(هفتيوار)

1-	امرت جوت	پيمسن جي دادواڻي	بڙودا
2-	پريم پرچارڪ	نرسنگهه موتومل ”گهايل“	بمبئي
3-	پارتواسي	بلديو گاجرا	بمبئي
4-	جهنڪار	تيج پارواڻي	پونو
5-	راشٽريه پريم	موتيرام رامچنداڻي	احمدآباد
6-	احوال سنڌي	سريش آهوجا	احمدآباد
7-	سچائي	مرلي گوپلاڻي	احمدآباد
8-	جهولي لال	ديال موتواڻي	احمدآباد
9-	چنگاري	ارجن آريه	اُلهاسنگر
10-	چٽنگون	مهيش هنسراج پنجابي	احمدآباد
11-	چئلينج	لڇمڻ ڪيسواڻي	ڀوپال
12-	چيٽي چنڊ	پريم گيهي لکياڻي	نڙياد
13-	دنيا	ڏيپو املراءِ سياڻي	اُلهاسنگر
14-	سماج سڌار	داموندرلعل ٽيڪچند مورجاڻي	احمدآباد
15-	سماجواد سنگرام	ڪندنلعل سندرداس	ناگپور
16-	سنڌو ڪرانتي	جي.ڊي. چابڙيا	گواليار
17-	سنڌو متر	گنگارام سمراٽ	احمدآباد
18-	سنڌي ٽائيمس	نارائڻ پارتي	اُلهاسنگر
19-	سنڌ نيوز	ٽيڪمداس سنباڻي	پونو
20-	سنڌي ويڪلي	سچانند اين. تلريجا	اُلهاسنگر
21-	سنگهٺن	گوبندرام پاڪراڻي	ڪانپور

بمبئي مان : هفتيوار : ''نرمل جوت''.
دهليءَ مان : هفتيوار : ''نوان ويچار'' ۽ ماهوار ''ملاح'' ۽ ''سنڌ جي سک.''
پوني مان : ماهوار: ''سونو پارت''.
راجڪوٽ مان : ''سنڌو پارتي'' ۽ ''ٻال سنڌي پرڪاشن''.
انڊور مان : ''ماهوار ''سنڌو واڻي''.
گانڌيڌام مان : هفتيوار : ''ڌرتي ماتا'' ۽ راڻيپور مان هفتيوار ''سنڌڙي''.

هندستان مان نڪتل رسالن جي فهرست

''آتم درشن'' ماهوار اجمير 1954ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند بالاڻي.
''آدرش'' ماهوار اجمير 1974ع ايڊيٽر ايم. آر. وليچا. ''آريہ پريمي'' ماهوار اجمير 1952ع ايڊيٽر وڏيہ موهن‌لعل ۽ شري چيتن‌ديو ورما. ''آريہ وير'' ماهوار اجمير 1977ع ايڊيٽرديپچند تلوڪچند بيلاڻي.
''آڪاڻي'' ماهوار نئين دهلي 1966ع ايڊيٽر جيون گرسهاڻي، لعل موٽواڻي، شنيو جئسنگهاڻي.
''آهار' ساليانو بمبئي 1977ع ايڊيٽر فتحچند شهاڻي.
''اجمير گزيٽ'' ماهوار اجمير ؟ ايڊيٽر شري بنسيرام جوڌارام
''اسٽيج'' ٽہ ماهي احمدآباد 1978ع ايڊيٽر چينو لالواڻي.
''اظهار'' ٽہ ماهي احمدآباد 1977ع ايڊيٽر هوندراج بلواڻي.
''الڪا'' ساليانو بمبئي 1968ع ايڊيٽر چندرو پنجابي.
''بسنتي'' ماهوار بمبئي 1961ع ايڊيٽر سيتا آر. ميرچنداڻي.
''بينا'' ماهوار بمبئي 1956ع ايڊيٽر داس طالب.
''ٻارڙا'' ماهوار احمدآباد سمپادڪ : موهن پنجواڻي.
''پڙهہ ڦٽي'' ماهوار بمبئي 1961ع ايڊيٽر موهن ڪلپنا، لعل پشپ، هري موٽواڻي ۽ ڪويتا پشپ.
''پشپ'' ساليانو بمبئي 1958ع ايڊيٽوريل بورڊ تي هولارام هسيجا،

5-	جاڳو	ڪي. سي. شوداساڻي	بمبئي
6-	زندگي	شيام رامر ڪياڻي	احمدآباد
7-	سرسوتي	ساوتري گربخشاڻي	بمبئي
8-	سنڌي ايڪسپريس	نند پارتي	اُلگهاسنگر
9-	شام	ستي تڏاڻي	پونو
10-	شڪتي ڌارا	پرشوتمر چيلارام ڀڳتاڻي	بمبئي
11-	شڪنتلا	ديپڪ ڪوڏواڻي	اندور
12-	فلمر ۽ فئشن	اندر ڪشنچند لعلواڻي	اُلهاسنگر
13-	ڪلياڻ سماچار	ساڌوداس جئرامداس چتاڻي	اُلهاسنگر
14-	ڪلي	چينو لالواڻي	احمدآباد
15-	ليڊر آف اُلهاسنگر	ڊي.سي. گوسوامي	اُلهاسنگر
16-	نرگس	تيج پاسواڻي	پونو
17-	واپاري نيوز	ڪنعيالال گوپلاڻي	احمدآباد
18-	واريئر	اين. پي. ڪي. ساني	بمبئي

انهن اخبارن کان علاوه، ڪي هفتيوار ۽ ماهوار اهڙيون به آهن جيڪي وجود رکن ٿيون پر باقاعدگيءَ شايع نه پئي رهيون. اهڙي اخبارن ۾ اُلهاسنگر جون ”ديش ڀڳت“، ”رهبر“، ”هند شڪتي“ ۽ ”راجيش“، اجمير جون ”نوپارت“ ۽ ”وير وجيه“، پوني جي ”هير“ ۽ جئپورجي ”سنڌو درش“ شامل آهن.

ازانسواءِ هيٺ اهڙين اخبارن جي لسٽ به ڏجي ٿي جيڪي ماضي ۾ نڪتيون، چمڪيو ۽ بعد ۾ ڪن سببن ڪري بند ٿي ويون:

اُلهاسنگر مان : هفتيوار : ”سنڌو ساگر“ ۽ ”سوشلسٽ“. ماهوار ”ڌرم واڻي“، ”سنڌڙي“ ۽ ”سوجهرو“.

احمدآباد مان : هفتيوار : ”آشاواڻي“، ”پياري سنڌ“، ”تمنا“ ۽ ”گلشن“ ماهوار.

اجمير مان : هفتيوار : ”جئه هند“ ۽ ”اُجالا“.

”راجفلمستان“ ماهوار بمبئي 1948ع ايڊيٽر شريمتي ششيلا جي. لعلواڻي.

”راڻي“ ماهوار بمبئي 1963/1955ع ايڊيٽر لڇمڻ ساٿي ۽ رام لعلچنداڻي.

”رچنا“ ٽه ماهي ڪلڪتو 1979ع ايڊيٽر لکمي کلاڻي، واسديو موهي ۽ پريم پرڪاش.

”روح رهاڻ“ ماهوار بمبئي 1954ع ايڊيٽر چيتمل لالچند ۽ ديوي. ر. گلراج.

”روپ لتا“ ماهوار اجمير 1960ع ايڊيٽر آر. ڪي. مولاڻي.

”ساهت ڌارا“ ماهوار نئين دهلي 1964ع ايشور گرمکاڻي ۽ رامنداس ويرومل.

”ساهت سڱنڌ“ ساليانو بمبئي 1958ع سنڌي ساهت منڊل.

”ساهت سنڌو“ ماهوار بمبئي 1962ع ايڊيٽر پرشوتم هيراننداڻي.

”سيپتا“ ٽه ماهي بڙودا 1959ع ايڊيٽوريل بورڊ تي ڊاڪٽر لکميچند ’پريم‘، دريانومل ترياڻي، آنند ٿهلراماڻي ۽ هاسارام.

”سرسوتي“ ساليانو آگرو 1954ع ايڊيٽر موهن لعل ڪي. ناگديو ۽ نرسنگهه لعل منگهواڻي.

”سرگم ساهتيه“ بمبئي 1956ع ايڊيٽر بهاري لال.

”سرهاڻ“ ساليانو بمبئي 1965ع ايڊيٽر رام جي. ڪڪڙيجا.

”سناتن سارٿي“ ماهوار بمبئي، ايڊيٽر جڳت آڏواڻي.

”سنت مالا“ ماهوار پونا، ايڊيٽر آتو واسواڻي.

”سنڌا پارڪ“ ماهوار بمبئي، ايڊيٽر ڀاونسنگهه تلريجا.

”سنڌو“ ماهوار آگرا، ايڊيٽر بولچند وسومل راجپال.

”سنڌو ڀارتي“ جئپور.

”سنڌو جيون ڌارا“ ٽه ماهي ڀوپال.

”سنڌو سماج“ ٽه ماهي نئين دهلي 1958ع ايڊيٽر بسنت ۽ نارائڻ

پرتاپ بٺاڻي، آنند پارواڻي، جڳديو سدارنگاڻي، ڪشن جسوجا ۽ پتامبر پنجابي.
”پشپانجلي“ ساليانو دهلي
”پارتي ناول مالها“ بمبئي 1956ع ايڊيٽر امرچنداڻي.
”تصوير“ هفتيوار بمبئي 1955ع ايڊيٽر ڪي. ٽي. گدواڻي.
”جوالا“ پبليڪيشن بمبئي 1958ع
”جوت“ ماهوار بمبئي 1954ع ايڊيٽر جڳتراءِ ڪيولرام مولچنداڻي ۽ ڪيرت باباڻي.
”جيجل“ ساليانو بمبئي 1974ع ايڊيٽر جسونتڪمار منسڪاڻي.
”جيون جوت“ سالیانو بمبئي 1970ع ايڊيٽر لڇو پاوناڻي.
”جيون سنگرام“ سالیانو گانڌيڌام 1975ع ايڊيٽر رام چندناڻي.
”جهازراني“ سالیانو بمبئي 1969ع ايڊيٽر لڌارام ڪي. چنديراماڻي.
”جهرمر“ ماهوار بمبئي 1953ع ايڊيٽر شري سريچند ڪيسواڻي ۽ ڪشن کوبچنداڻي.
”چوڏس“ ٽه ماهي احمدآباد 1962ع ايڊيٽر هيرو شيوڪاڻي، ارجن حاسد ۽ گورڌن تنواڻي.
”چوليون“ ماهوار احمدآباد 1967ع ايڊيٽر امر ڏؤلتاڻي هاٿي لعل هوتچنداڻي.
”درويش درشن“ ماهوار احمدآباد 1979ع ايڊيٽر رام امبواڻي.
”دهلي ڪاليج مئگزين“ دهلي سالیانو.
”ديش“ ماهوار، 1966ع ايڊيٽر پروفيسر سنتداس جهانگياڻي، ناڪر پاڻيا ۽ ديال مورجاڻي.
”ڌرتي ماتا“ ؟ 1957ع ايڊيٽر هوندراج ”دکايل“.
”رابيل“ ماهوار نئين دهلي 1964ع ايڊيٽر آنند ابيچنداڻي ۽ مرلي پاوناڻي.
”راجستان ميل“ پندر روزه جئپور 1961ع ايڊيٽر ويرو بسنناڻي ’رس‘

”گلڙا“ ماهوار بمبئي 1963ع ايڊيٽر نندڪمار پارواڻي ۽ ارجن چوهاڻ.
”گلابي گلڙا“ ماهوار بمبئي، ڪشور پهوجا.
”گلستان“ ماهوار احمدآباد 1960ع ايڊيٽر هوندراج بلواڻي ۽ شيام رامر ڪياڻي.
”گنگا جمنا“ ماهوار بمبئي 1959ع ايڊيٽر گوپ سڌوا.
”لوڪ راڄيہ“ پندره روز بمبئي 1977ع ايڊيٽر اندرا گيهاڻي.
”لهر“ ساليانو احمدآباد سال 1967ع ايڊيٽر ڄينو لالواڻي.
”مارئي“ ماهوار احمدآباد 1967ع شريمتي رجني هنسراج پنجابي.
”مانجهي پبليڪيشن“ جئپور 1959ع ايڊيٽر ڪمل سرتاج ۽ ويرو بسنتاڻي.
”مُرڪ“ ٽماهي، بمبئي، سمپادڪ شري گوبند مالهي.
”مومل“ ساليانو بمبئي 1953ع ايڊيٽر بختراءِ ۽ پهلاجراءِ تلريجا.
”مهراڻ“ ماهوار جئپور.
”ميار“ ماهوار اجمير 1961ع ايڊيٽر شيلا بڄلاڻي ۽ ر. ڪ. بڄلاڻي.
”نرگس“ ماهوار پونہ 1953ع ايڊيٽر پارواڻي تيج.
”نرنڪاري مشن“ ٽماهي بمبئي 1963ع ايڊيٽر پيسوسنگهہ.
”نئون سنگم“ بمبئي.
”نئين دنيا“ماهوار بمبئي 1974ع ايڊيٽر چيناننډ اُتمچنداڻي ’اُتم‘.
”نئين راهہ“ ماهوار 1958ع.
”نئين زندگي“ ماهوار جبلپور 1958ع ايڊيٽر راڌاڪرشن گرناڻي.
”نئي ڪلا“ ٽماهي بمبئي 1962ع ايڊيٽر ڪشور لعلچند پوجواڻي ’ساقي‘.
”وشو ساهت مالها“ بمبئي 1956ع ايڊيٽر گوبند مالهي.
”وندر“ ساليانو بمبئي 1968ع ايڊيٽر نارائڻ ٽي. واسواڻي.
”ويڻا“ ماهوار بمبئي، ايڊيٽر جگديش لڇاڻي.
”هلچل“ ماهوار بمبئي 1950ع ايڊيٽر هوندراج لعلواڻي، گري

شيام وغيره.
''سنڌي گلشن'' ماهوار لکنو 1960ع ايڊيٽر راڌاڪشن آلچنداڻي.
''سنڌي يوٿ'' ماهوار حيدرآباد دکن 1969ع ايڊيٽر امرلعل جي. پي.
''سنڌيت'' ٻه ماهي لکنو، ايڊيٽر پڳوان ڪلناڻي.
''سنگيتا'' ماهوار بڙودا 1965ع ايڊيٽر آنند ٿهلرام.
''سورت'' سالياني بمبئي 1968ع ايڊيٽر واسديو ''نرمل''.
''سهڻي'' ماهوار، سمپادڪ سندر اگناڻي، لڇمڻ ڀمڀاڻي ۽ واسديو سنڌو ڀارتي.
''سوکڙي'' سالياني نئين دهلي 1972ع ايڊيٽر هوندراج 'دکايل'.
''سئنا'' ماهوار بمبئي 1953ع ايڊيٽر راڌا ڪشن.
''سپون'' ٽه ماهي، ايڊيٽر ٺاڪر چاولا-بمبئي.
''شانتي'' ماهوار اندور 1914ع ايڊيٽر ديپڪ ڪوڏواڻي.
''شيلا'' ماهوار ؟ 1956ع ايڊيٽر منگهارام ٽي. رامچنداڻي.
''شيوا مارگ'' ماهوار اجمير 1979ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند بيلاڻي.
''فلم نيوز'' ماهوار بمبئي، ايڊيٽر منگهارام چنديرام ملڪاڻي.
''ڦلواڙي'' ماهوار اجمير 1953ع ايڊيٽر ديپچند تلوڪچند بيلاڻي.
''ڦليلي'' ماهوار بمبئي 1951ع ايڊيٽر مرلي مکي. سنڌي ۽ انگريزي ٻولين ۾.
''ڪبير'' سالياني بمبئي 1980ع اسٽيٽ بئنڪ اسٽاف ڀاران.
''ڪلپنا'' ماهوار لکنؤ 1972ع ايڊيٽر ساڌورام سوماڻي.
''ڪمل'' سيريز بمبئي 1950ع
''ڪونج'' ماهوار بمبئي 1960ع ايڊيٽر هري موٽواڻي ۽ مينا واسواڻي. هاڻي نند ڇڳاڻي.
''کهاڻي'' ماهوار بمبئي 1949ع ايڊيٽر ڄڳت آڏواڻي.
''گرونانڪ سنديش'' ماهوار، ايڊيٽر صاحبسنگهه ڊي. اوچاڻي.
''گل'' ماهوار بمبئي.

جناب اي. جي. اُتم کي هڪ ووادي ۽ خشڪ سياءَ اِنسان سڏيو ويندو هو. پر حقيقت ۾ صدق وارو ۽ هڪ جذباتي لڪل دل اِنسان هو. هن جي اِها خوبي هن جي لکيل سمپادڪي لکين مان نمايان هئي. هوُ سنڌو سنسار ۾ عالمي سطح جون خبرون، ٻوڏن، طوفانن، هوائي، خشڪي، ريلوائي حادثن سان گڏ عام رواجي خون، آپگهاتن جا بيان اهڙي تہ اندر جي پيڙا وچان لکندو هو جو اُن مان اِنسان ذات لاءِ قرب ۽ همدردي پيئي بکندي هئي. هن جي سماجواد ۽ ترقي پسنديءَ جو بنياد اِنسانيت جو جذبو ئي هو. هن سياسي آرٿڪ سماجڪ وشين تي بيحد وزندار ۽ سمجهداريءَ سان ڀرپور مثالي سمپادڪي ليک لکيا. هن جا سمپادڪي ليک بي رياءَ، بي طرفادر ۽ بي باڪيءَ سان ڀرپور هئا. سنڌو سنسار حقيقت ۾ سنڌيت جي آدرشن ڦهلائڻ جو هڪ طاقتور ۽ عملي واهڻ هئي. سنڌو سنسار جي پڪي پختي ٺيٺ سنڌي محاوري کي عوام ۾ مقبول ڪيو جنهن مان گهڻن نون اخبار نويسن ۽ اديبن سنڌي سبق سکڻ جي ماهريت حاصل ڪئي.

”آڪاشواڻي“ جنهن جو سمپادڪ شري ليلارام رُچنداڻي هو ۾ پڻ ماتر يومي (سنڌ) جي لکين جي سلسلي، سنڌ جو سربستو احوال اُتم لکن دواران ڏيندو رهيو اهڙو احوال ٻي ڪابہ پارٽي اخبار نہ ڏيئي سگهي هئي. اُتم جو ”جهوليلال“ هفتيوار جي وڪاس، واڌاري، سمپادن ۾ پڻ اهميت ڀريو پارٽ رهيو.

❒ ❒ ❒

رائسنگهاڻي، ڪشن منگاڻي ۽ ٻيا.
”هلچل“ ساليانو بمبئي، ايڊيٽر لعل پنجواڻي ’مجرم‘.
”هير“ ماهوار پونا 1965ع ايڊيٽر اجيت ڪشور ۽ رميش ياتيا.
(هيءَ يادداشت سنڌ ۾ شايع ٿيل آهي.)

لوڪپريہ اخبارون

سنڌو سنسار



ورهاڱي بعد جنهن اخبار پارت جي اديبن کي جوڙي رکيو ۽ سنڌي لپيءَ جي حماقت ڪندڙ اخبار بڻي جو اُن زماني ۾ سنڌي ڀاشا لاءِ سنڌي لپي ۽ ديوناگري لپيءَ جي وواد اديبن ۽ عام سنڌين کي ٻن فرقن ۾ ورهائي ڇڏيو هو. هندستان روزاني ديوناگريءَ جي پرچارڪ بڻي تہ ”سنڌو سنسار“ جناب اي. جي. اُتم جي سمپادڪيءَ ۾ نہ صرف سنڌي لپيءَ جي زوردار پرچارڪ بڻي پر اخبار ۾ پن وشين وارن ڪالمن سان سنڌ جي وڇڙيل دوستن ۽ اديبن کي جوڙي رکڻ ۾ بہ بيحد ڪامياب رهي.

جناب اي. جي. اُتم کي پنهنجي ماترڀاشا ۽ ماتر ڀوميءَ سان ڪافي صدق ۽ لڳن هئي هن اُن لاءِ ڪافي قربانيون بہ ڪيون. سنڌي جاتي هن جي سنڌيت پريم اڳيان سجدو ٿي ڪري. هيءُ ئي آخر تائين هڪڙو سنڌي اديب هو جنهن مفادن، عهدن، انعامن، سنمانن لاءِ ڪڏهن بہ پنهنجن آدرشن سان سمجهوتو نہ ڪيو. سنڌي لپيءَ جو ڪٽر حمايتي رهيو.

سنڌو سنسار هڪ ٻيو اهميت ڀريو پارٽ سنڌي عوام جي سنڌ لاءِ سڪ، چڪ ۽ سنڌ جي جهونن ڳوٺن ۽ شهرن جا تازا بيان پڙهڻ لاءِ ميسر ڪيا جنهن سبب سنڌي جيڪي پنهنجو وطن سنڌ ڇڏي آيا هئا اُن لاءِ ڏيهل پاوناڻون اُڇلون ڏيئي سنڌ کي ياد ڪندا رهيا.

چوڻ وارو هن جو سڏائنت هو. سنہ 1917 ۾ هن حيدرآباد مان روزاني ”هندواسي“ اخبار شروع ڪئي جيڪا تمام ٿوري ئي وقت ۾ ڪافي نالي واري اخبار ٿي ويئي. هن کان پهرين سنہ 1914 ۾ هن سنڌي ساهتيہ سوسائٽي برپا ڪري سنڌي ڪتاب ڇپائي سنڌي ساهتيہ کي مالامال ڪيو. چينمل پرسرام ائني بيسنٽ جو پرم ڀڳت هو ۽ هوُ هن جي سياسي ويچارن جو پرچار پنهنجي اخبار ذريعي ڪندو هو.

15 مارچ سنہ 1919 ۾ انگريز سرڪار ”رولٽ ائڪٽ“ جاري ڪري پنهنجو ظلم تيز ڪري ڇڏيو ۽ سرڪاري عملدار ڪنهن بہ نردوش اِنسان کي پڪڙي بنا ڪنهن ڪيس هلائڻ جي ئي جيل موڪلي ڏيندا هئا ۽ پريس جي آزادي پڻ ختم ڪري ڇڏي هئي جنهن جي خلافت ڪندي دهليءَ ۾ سوامي شرڌانند جي اڳوانيءَ ۾ عام سڀا ۾ پوليس گولي هلائي جنهن ۾ ڪيترن ماڻهن جو مرتيو ٿيو.

13 اپريل سنہ 1919 جو امرتسر ”جليانوالا باغ“ ۾ سوين نردوش اِنسانن جو قتل-اي-عام ڪيو ويو اُن مان دکي ٿي چينمل پرسرام پنهنجي اخبار جي سمپادڪيہ ليکہ ۾ صوفي شاعر شاه عبداللطيف جي ڪلام ”ڪلال جي هٽ ڪُسڻ جو ڪوپ وهي“ ان هيڊنگہ سان ليکہ لکي سرڪار جو خوب وروڌ ڪيو جنهن سبب هن کي گرفتار ڪيو ويو پر عدالت ۾ ڪيس هلڻ وقت سورلي نالي هڪ انگريز جج ۽ سرڪاري وڪيل هن هيڊنگہ جو پورو مطلب نہ ڪڍڻ سبب جج صاحب شاہ عبداللطيف جي ساهتيہ جي ڪجهہ ودوانن کان هن هيڊنگہ جو مطلب پڇيو ۽ آخر ۾ هن کي ٻن سالن جي جيل جي سزا ڏني ويئي ۽ هن کي پوني جي يرودا جيل ۾ رکيو ويو. پر اُن وقت سرڪار جو مهاتما گانڌي ۽ ٻين نيتائن جي ٿيل سمجهوتي موجب ڊسمبر 1920 کان ڪجهہ ڏينهن پهرين سيني سياسي قيدين کي آزاد ڪيو ويو ۽ ان ريت چينمل پرسرام کي پڻ جيل مان ڪڍيو ويو.

چينمل پرسرام تہ جيل مان آزاد ٿيو پر انگريز جج سورلي شاہ

ڪجهه نڊر سنڌي اخبار نويسن تي روشني




ويروومل بيگراج (سنه 1955-1974) : ويروومل بيگراج کي عام طور ''ديش ڀڳت'' جي خطاب سان سڏيو ويندو هو. ويروومل جو جنم سکر سنڌ ۾ ٿيو هو ۽ هن پنهنجو پورو وقت سکر ۾ ئي گذاريو. هن مهان شخصيت کي پنهنجي جنم ڀومي ۽ سان ايترو ته پريم هو جو هوُ هندستان پاڪستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ پڻ هندستان ۾ نه آيو ۽ سنڌ ۾ ئي رهيو ۽ هن پنهنجو پويون ساهه پنهنجي جنم ڀومي ۽ ۾ ئي ڪنيو.

شري ويروومل بيگراج سنه 1905 ۾ ''سنڌي'' نالي سنڌي ۽ ۾ هڪ هفتيوار اخبار شروع ڪئي جنهن جي ذريعي سنڌ ۾ ديش ڀڳتي ۽ راشتريه ڀاونا ڦهلجڻ لڳي ۽ انگريز سرڪار جي ڪافي خلافت ٿيڻ لڳي.

تولارام ٻالاڻي (سنه 1884-1913) : شري تولارام ٻالاڻي جو جنم نوشهرو فيروز ۾ ٿيو ۽ هي وچولي درجي جي پريوار جو هو. هن جي اوائلي تعليم پريا ۾ ۽ پوءِ حيدرآباد ۾ ٿي ۽ هن اُن اسڪول ۾ ماستري پڻ ڪئي هئي. هي ۽ صاحب سوديش آندولن جي پرچار لاءِ سنه 1905 ۾ ''ديش ماتا'' اخبار ڪراچي ۽ ۾ شروع ڪئي ۽ سنه 1907 ۾ ''سنڌ سيوڪ'' ماهوار ۽ ''سدا اي سنڌ'' اخبارون شروع ڪيون ۽ انگريز سرڪار خلاف خوب لکيو. تولارام ٻالاڻي پڻ ويروومل بيگراج وانگر هندستان پاڪستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ هندستان نه آيو ۽ پنهنجي وطن ۾ ئي ويٺو رهيو ۽ دکدائڪ ديهانت لاڙڪاڻه جي ويجهو ''گهاڙ'' نالي نهر ۾ ٻڏي وڃڻ سبب ٿيو.

چيتنمل پرسرام (سنه 1885-1948) : سنڌي اخبار نويسي ۽ ۾ چيتنمل پرسرام هڪ انوکي شخصيت هئي. هوُ ڪاڙي کي ڪالو چوڻ وارو ۽ سچ



وشنو شرما (سنہ 1943-1895) : پنڊت وشنو شرما پڻ پنهنجي وڏي ڀاءُ لوڪرام شرما وانگر هڪ جوشيلو جوان ڪرانتيڪاري ۽ ديش ڀڳت هو. جڏهن هوُ ڪاليج ۾ پڙهندو هو تڏهن هن پنهنجي وديارٿي جيون ۾ ئي ''سنڌ ڀاسڪر'' نالي هڪ ماهوار اخبار شروع ڪئي هئي. اخبار جو مکيہ اُديش سوديش، سوراج ۽ ديش ڀڳتي ۽ راشٽريہ ويچارن جو پرچار ڪرڻ هو. وشنو شرما پڻ هندو اخبار ۾ ڪرانتيڪاري ليکہ لکندو هو ۽ سرڪار جي خلافت ڪندو هو جنهن سبب هن کي پڻ ڪيترا دفعا جيل ڀوڳڻو پيو ۽ ڪافي سور سهڻا پيا.

سڀا جا انعام يافتہ اخبار نويس

اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا، طرفان انعام سنمان حاصل ڪيل اخبار نويس هرهڪ کي روپيہ 11 هزار

1- شري ديالداس موٽواڻي - جهوليلال اخبار - احمدآباد 2001

2- شري شيام رامرکياڻي - زندگي هفتيوار - احمدآباد 2002

3- شري پريم تولاڻي - اُلهاسنگر 2003

4- شري ڪشن ورواڻي - هندو روزاني - ممبئي 2004

5- شري منگهارام سپہملاڻي - هندواسي هفتيوار - ممبئي 2005

6- شري نارايڻ ڀارتي - سنڌي ٽائيمس - اُلهاسنگر 2006

7- شري پريم لکياڻي - سنڌي ٻولي - نڙياد 2007

8- شري موتيرا رامچنداڻي - راشٽريہ پريم هفتيوار - احمدآباد 2008

شري شيام رامرکياڻي

شري شيام ويڌومل رامرکياڻي سنہ 1962 ۾ سنڌي ساهت سنگت ۾ شامل ٿي پنهنجي پترڪارتا ۽ اشاعت جي وات پڪڙي ۽ تڏهن کان وٺي


عبداللطيف جي هن ڪلام جو مطلب سمجهڻ ۾ اُلجهي ويو ۽ هن سنڌي ٻوليءَ جو چڱو اڀياس ڪيو جنهن سان سنہ 1940 ۾ هن جج ڪي آڪسفورڊ يونيورسٽي مان ''پي.ايچ.ڊي.'' جي ڊگري حاصل ٿي جيڪا ڳالهہ سنڌي ساهتيہ ۽ سنڌي اخبارن لاءِ هڪ انوکو مثال آهي.

شري چيتمل پرسرام پنهنجي جيل ياترا درميان ''ترنگ جو تيرٿ'' ڪتاب لکيو جيڪو قسطن جي روپ ۾ ''هندواسي'' اخبار ۾ ڇپجندو رهيو. سنہ 1920 ۾ اسهڪاري آندولن جي وقت چيتمل پنهنجي اخبار جو نالو هندواسي مان بدلائي ''پارتواسي'' ڪري ڇڏيو جيڪو سنہ 1936 تائين هليو ۽ اُن ڪانپوءِ هيءَ اخبار بند ٿي ويئي.

چيتمل سنڌ ۾ ممبئيءَ کان الڳ ڪرڻ جي پڻ خلافت ڪئي هئي پر اپريل سنہ 1936 ۾ ممبئيءَ کان الڳ ڪئي ويئي ۽ سنڌ کي الڳ پرانت ڪيو ويو. چيتمل پرسرام ''روح رهاڻ''، ''پرڪاش'' ۽ ''سنڌڙي'' اخبارن جو پڻ سمپادن ڪيو. هن پنهنجو سڄو جيون راشٽريہ سيوا، سماج سڌار ۽ ساهتيہ سرجڻ ۾ پورو ڪيو.




لوڪرام شرما (سنہ 1890-1933) : سنڌ جي مشهور ۽ ڪرانتيڪاري ''هندو'' اخبار جو سنستاپڪ پنڊت لوڪرام شرما هو جيڪو 15 سالن جي ننڍي عمر ۾ ئي هو پنهنجي هڪ دوست گرداس سان گڏ گهر مان ڀڄي سنسڪرت پڙهڻ لاءِ ڪاشي بنارس هليو ويو جتي هو سينٽرل هندو ڪاليج ۾ پڙهيو ۽ جتي هو اَئني بيسنٽ ۽ ٻين ڪيترن بنگالي ڪرانتيڪارين جي لهوچڙ ۾ آيو جن جي وچارن سان هي ذاڍو پرڀاوت ٿيو ۽ جڏهن واپس حيدرآباد ۾ آيو تڏهن سوديشي شيون واپرائڻ جي هلچل ۾ شامل ٿي ويو ۽ هو هندو اخبار جي سمپادڪ جي روپ ۾ انگريز سرڪار خلاف قلم هلائڻ ۽ جوشيلا ليکہ لکڻ سبب چڱا ئي دفعا جيل ويو ۽ ڪافي ٽائيم تائين هو ڪاراواس ۾ رهيو.



پاڪستان جي ورهاڱي ڪانپوءِ هن ياڻ اجمير ۾ اچي ڪري ''اجمير پرنٽنگ پريس'' جي نالي سان پريس شروع ڪئي. هيءُ ياڻ ڪافي محنتي ۽ اُتساهي شخص آهي ۽ هن اجمير ۾ ڪاڪي تلوڪچند ڪان سنه 1975 ۾ چالو حالت ۾ ''هندو'' اخبار ورتي ۽ پنهنجي محنت سان هن ياڻ هن اخبار کي چڱي اوُج تي آندو. سنه 1979 ۾ هن ياڻ ''آڏونڪ راجستان'' هنديءَ ۾ پڻ اخبار شروع ڪئي پر پوءِ اُها اخبار هن ڪنهن کي ڏيئي ڇڏي.


شري منگهارام سپهملاڻي



منگهارام سپهملاڻيءَ جو جنم تاريخ 9 فيبروري سنه 1925 ۾ ٿيو هو ۽ هن ياڻ بي.اي.ايل.ايل.بي. تائين تعليم حاصل ڪئي آهي ۽ هيءُ ياڻ (ايس.اي. ايم.) اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ پڻ رهي چڪو آهي. هيءُ ياڻ ڪافي پراڻو پترڪار آهي ۽ صاحب سنه 1945 ۾ سنڌ جي مشهور اخبار ''هندوءَ'' ۾ سهه-سمپادڪ طور اخبار نويسيءَ جي شروعات ڪئي هئي. هندستان پاڪستان ٺهڻ ڪانپوءِ هن ياڻ ممبئيءَ مان نڪرندڙ ''هندستان'' روزاني جيڪا پهرين ''هندوءَ'' جي نالي سان ڇپبي هئي اُن جو ۽ ''هندواسي'' هفتيوار اخبار جو مکيه سمپادڪ بڻيو. شري منگهارام سپهملاڻي جيڪو هن وقت 84 سالن جي عمر جو شخص آهي. هيءُ هندواسي اخبار سني نموني سنڀاليندو آهي.

ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي

نارائڻ ڀارتيءَ جو جنم تاريخ 1 آڪٽوبر سنه 1932 ۾ ڪمبر شهر جهوني لاڙڪاڻه سنڌ ۾ ٿيو هو. هن ياڻ هڪ اڌياپڪ طور پنهنجي جيون شروع



اڄ ڏينهن تائين هوُ لڳاتار اِن ڪم ۾ جيءَ جان سان جنبيو پيو آهي. هن ''گلستان'' ٻارن جو ماهوار رسالو شروع ڪيو جو برابر 25 سال هليو.

سنہ 1976 ۾ هن سنڌي ادب جي واڌاري لاءِ هڪ ساهتڪ ماهوار اخبار ''زندگي'' جي نالي سان شروع ڪئي. اڳتي هلي هن سنہ 1982 ۾ اها مخزن هفتيوار ٻڌي، جيڪا گذريل 25 سالن کان باقاعدي نيم سان نڪرندي اچي ٿي. هڪ جنوني شخص وانگر شيام هاٺي ''زندگي سماچار'' جي نالي سان روزاني اخبار شروع ڪئي آهي.


شري پريم تولاڻي



پريم وسومل تولاڻيءَ جو جنم مانجهند، ضلعو دادو سنڌ ۾ ٿيو هو. هيءَ ٻاءُ ايم.اي. (ايڪانامڪس)، بي.ڪام، بي.ايڊ. تائين پڙهيل آهي ۽ سنہ 1980 کان ''سنديش ڀارت'' اخبار ڪڍندو آهي ۽ اُن جو مکيہ سمپادڪ آهي. هيءُ ٻاءُ سنہ 1964 کان 1984 تائين اُلهاسنگر ميونسپل ۾ ڪائونسلر طور چونڊيل هو ۽ سنہ 1981-1980 ۾ ميونسپل اسڪول بورڊ جو چيئرمن پڻ رهي چڪو آهي ۽ سنہ 1979 کان 1981 تائين (ايس.اِي.ايم.) اسپيشل ايگزيڪيوٽو مئجسٽريٽ طور پڻ مقرر ڪيو ويو هو. هن ٻاءُ جا ڪيترا ئي مضمون ۽ رچنائون سنڌي مخزنن، سنڌي-هندي ۽ مراٺي اخبارن ۾ پڻ ڇپجي چڪا آهن.


شري ڪشن ورياڻي

ڪشن ڏرمداس ورياڻي ''هندو'' روزاني اخبار جو پبلشر ۽ سمپادڪ آهي جيڪا اخبار اجمير، احمدآباد ۽ ممبئيءَ مان ڇپجندي آهي. هن ٻاءُ جو جنم 3 مارچ سنہ 1936 جو نصرپور شهر سنڌ ۾ ٿيو. هوُ هندستان-




تين ڪانپوءِ هيءُ پاڻ ممبئيءَ مان ڇپجندڙ هندستان روزاني ۽ هندواسي هفتيوار اخبار جي سمپادڪ منڊل ۾ جڙي ويو. راهي هڪ جهونو پترڪار هو ۽ هن جو اخبار نويسيءَ ۾ تمام گهڻو يوگدان رهيو آهي. هن پاڻ سنڌي ڊراما ۽ گيت-سنگيت ۽ نرتيه ڪلاڪارن جا هندواسي اخبار ۾ پنهنجا ليکه لکي ڪافي همٿايو هو. راهيءَ جي اوچ ڪوٽيءَ جي اخبار نويسيءَ جو قدر ڪندي ڪيس چڱائي اوارڊ ۽ انعام مليل آهن. هن پاڻ کي سنه 1980 ۾ بهترين اخبار نويس طور ايشوري ڀائي رام پنجواڻيءَ طرفان اوارڊ حاصل ٿيو ۽ سنه 1990 ۾ ''انٽرنيشنل سنڌي پنچايت فيڊريشن'' طرفان ۽ سنه 2000 ۾ ''مُرڪ'' پبلڪيشن طرفان پڻ انعام حاصل ڪيو هو.

شري موتيرام ٽي. رامچنداڻي 'باغي'




موتيرام ٺهلرام رامچنداڻيءَ جو جنم تاريخ 9 ميءِ سنه 1930 ۾ ميرپور خاص، ضلعو ٿرپارڪر سنڌ ۾ ٿيو هو. هيءُ پاڻ ڪافي پراڻو ليکڪ ۽ اخبار نويس آهي. هن پنهنجي ''راشٽريه پريم'' هفتيوار اخبار تاريخ 14 جنوري 1987 ۾ احمدآباد کان ئي شروع ڪئي آهي. هيءَ اخبار هميشه سنڌي سماج ۽ سنڌيت سان جڙيل رهي آهي ۽ هيءُ پاڻ هميشه پنهنجي اخبار ۾ سنڌيت سان وابسطه رچنائون، ڪويتائون ۽ ليکه لکي هندستان جي ڪنڊ-ڪڙڇ ۾ سنڌي سماج ۾ سنڌيت جاڳائڻ جو ڪم ڪري رهيو آهي ۽ هن جي اخبار ''راشٽريه پريم'' ۾ خاص طور ''سمپادڪيه'' ليکه، ''ڪجلي''، ''اڄ جو چرچو''، ''گيان جي گنگا'' ۽ ''سنڌي ۽ سنڌيت'' ڪالم سارا جوڳا هوندا آهن ۽ پاٺڪ تمام گهڻي پريم سان پڙهندا آهن.



كئي هئي ۽ ممبئي يونيورسٽيءَ ۾ هيڊ آف دي
سنڌي ڊپارٽمينٽ طور رٽاير ڪيو. هي پاڻ سنہ
1945 کان وٺي ”سنڌي ٽائيمس“ هفتيوار اخبار
هلائي رهيو آهي ۽ اُن جو مکيہ سمپادڪ آهي ۽
هن پنهنجي محنت ۽ اُتساهہ سان ”سنڌي
ٽائيمس“ اخبار کي ڪافي نالي وارو بڻايو آهي ۽
چڱي تعداد ۾ پاٺڪ پڻ وڌايا آهن ۽ هيءَ اخبار
پنهنجي اخبار سان گڏ پاٺڪن کي سال ۾ چار
ادبي ڪتاب پڻ ڏيندي آهي.

شري پريم لکياڻي



پريم گيهيمل لکياڻيءَ جو جنم تاريخ 13 ڊسمبر
سنہ 1932 ۾ ڪاملاگري ڳوٺ ۾ تعلقو شهدادپور
نوابشاه ضلعي ۾ ٿيو هو. پيشي طور تہ هيءُ پاڻ
وڪيل آهي پر سنڌي ٻولي ۽ سنڌي اخبار نويسيءَ
سان هيءُ پاڻ تمام گهڻي وقت کان جڙيل آهي.
هن پاڻ نڙياد شهر مان ”چيٽي چنڊ“ هفتيوار ۽
”سنڌي ٻولي“ روزاني نڙياد مان هلائي رهيو آهي
۽ ”سنڌي ٻولي“ هفتيوار اخبار جو پڻ هي پاڻ پبلشر ۽ مالڪ آهي جيڪ
اخبار سنڌي سماج جا مسئلا سلجهائڻ ۽ نئين ٿهيءَ ۾ سنڌيت جي پاون
ڦوڪڻ ۾ چڱي ڪارگر ثابت ٿي آهي.

شري رامڪرشن هيرانند آڏواڻي

رامڪرشن هيرانند آڏواڻي جيڪو ”راهي“ جي نالي سان ڄاتو وڃند
آهي اُن جو جنم تاريخ 10 جولاءِ سنہ 1924 ۾ حيدرآباد سنڌ ۾ ٿيو هو
هيءُ پاڻ هڪ نڊر اخبار نويس هو جنهن جا ليک ۽ سماچار ڪيترين اخبار
۽ مخزنن ۾ پاڪستان ٺهڻ کان پهرين سنڌ ۾ ڇپبا هئا. هندستان پاڪستا

برکہ اخبار نويس

شري گنگارام ''سمرات''



پکو آريہ سماجي شري گنگارام گيانچند ''سمرات'' جو جنم 15 سيپٽمبر 1918ع ۾ سنڌ، ضلع دادو، سنڌ پاڪستان ۾ ٿيو. هوُ سنڌي ٻوليءَ جو ودوان، اِتهاسڪار، کوجنيڪ ۽ ڪامياب اخبار نويس هو. هن جا کوجناتمڪ، تنقيدي، تواريخي ليکہ هند-سنڌ جي معياري رسالن ۾ شايع ٿيندا رهيا. هن جا ڪيترا ڪتاب هندي-سنڌيءَ ۾ شايع ٿيا. جن ۾ خاص آهن ''آريہ ورت'' (1947)، ''ڀارت ورش'' (1966)، ''سمرات چندر گپت'' (1974)، ''گيان گنگا'' (1975)، ''سنڌو سؤوير'' (سنڌ جو پراچين اِتهاس) (1979) ۽ شواجي ڪٿيو ۽ سنڌي بهادر وير راجا ڏاهرسين جي جيون تي ڪتاب وغيره. هو ''سنڌو مترٗ'' هفتيوار ۽ ''آريہ وير'' جو سمپادڪ تي رهيو. اِهي اخبارون ڀارت ڀر ۾ ڪافي لوڪپريہ رهيون. اِن ڪانسواءِ هو ''سنڌي سمرات'' هفتيوار جو ڪالمسٽ رهيو، جنهن ۾ سنڌ جي اِتهاس تي ۽ سنڌي سيڻنا تيروشني وجهندڙ ليکہ شايع ٿيندا رهيا جن سنڌين کي پنهنجي قيمتي ورثي، اِتهاس جي ڄاڻ ڏني ۽ پرمپرائن کي جوڙي رکڻ ۾ هٿي ڏني. سنڌو سنسڪرتيءَ تي هن نئين سري سان، جديد وگيانڪ ڍنگہ سان روشني وڌي.

هو ''هندستان'' روزاني ۽ ''هندواسي'' هفتيوار سان بہ جڙيل رهيو تہ وري ڪجهہ عرصو ''هندو'' روزاني احمدآباد سان جڙي پڻ پنهنجيون لاثاني شيوائون ڏنيون. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان هن ''ساهتيڪ گؤرو پرسڪار'' ۽ رنشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد ڀارت سرڪار طرفان ''حياتي ڀر جي ادبي خدمتن لاءِ'' لائيف ٽائيم اچيومينٽ اوارڊ سان گڏ راشٽرپتي گياني زئلسنگهہ جي مبارڪ هٿن سان سنمان

اخبار نويسيءَ سان گڏوگڏ هي ياءُ هڪ سنو ليکڪ ۽ شاعر پڻ آهي ۽
هن جا ڪل 7 ڪتاب ڇپجي چڪا آهن جن مان سندس اخبار جي مشهور
"ڪجلي" ڪالم جي نالي "ڪجلي" ڪتاب تي ۽ ساڻ ساڻ ٻين ٽن
ڪتابن تي گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان انعام مليل چڪا
آهن ۽ هيءُ ياءُ ڪيترين سنستائن جو عهديدار رهي چڪو آهي ۽ هن
وقت پڻ آهي. هن انيڪ سيمينارن ۾ سنڌي اخبارنويسيءَ تي مقالا لکي
پيش ڪيا آهن ۽ گڏوگڏ اخبار نويسيءَ تي سيمينار پاڻ به آرگنائيز ڪيا
آهن. هو انيڪ سنڌي چاهي غيرسنڌي اخبارنويسن جي سنستائن سان
جڙيل آهي. اکل يارت سنڌي سماج پترڪار پريشد طرفان پڻ هن کي
بهترين اخبار نويس جو سنمان حاصل ٿيل آهي.

اکل يارت سنڌي سماج پترڪار پريشد-اندور طرفان پرياوشالي اخبارنويسن کي سنمان/انعام

سال 1995 جا سنمان

1. شري منوهر جيسواڻي (اُلهاسنگر)
2. شري موتيرام رامچنداڻي (احمدآباد)
3. شري شياملال راجديو (اندور)
4. شري نارائڻداس سنڌي (اجمير)
5. شريمتي جيوتي ڪالاڻي (اُلهاسنگر)

سال 1996 جا سنمان

1. ڊاڪٽر چينو لالواڻي (احمدآباد)
2. ڊاڪٽر ڪمل سچديو (اندور)
3. شري راجاداس (ممبئي)
4. شريمتي انجو تلسياڻي (دهلي)
5. شريمتي سُشما رامچنداڻي (ڪانپور)

هري تنواڻي ''نماڻو''



جنوني اخبار نويس جن جي لکڻين مان بي باڪي، بي ڊپائي، همت جا درشن ٿيندا آهن اُنهن اخبار نويسن ۾ ''مهراڻ'' هفتيوار جو سمپادڪ هري تنواڻي ''نماڻو'' گهڻو اڳرو آهي. ''مهراڻ'' اخبار 1987 کان نيمائتو شايع ٿيندي پئي رهي آهي. ''مهراڻ'' صرف اخبار نہ آهي اُها غيرت جو جذبو جاڳائيندڙ، انياءَ، بي انصافي، اتياچار، سنڌيت کي وڪڻندڙن، شاهوڪار شاهي ۽ سياست جي اوٽ ۾ ٿيندڙ اتياچارن کي للڪاريندڙ، اُنهن جو مقابلو ڪندڙ هڪ واحد وسيلو آهي. ''مهراڻ'' جو سمپادڪ هري تنواڻي اوچ تعليم يافتہ، ساهتيڪار، نوجوانن جو رهبر، ذهني آزمودگار ۽ ڪرياشيل اخبار نويس آهي. هري تنواڻي B.Sc، AIIB ڊگري يافتہ آهي. سنڌي ساهت سرجڻ ۽ اخبار نويسيءَ جو آزمودگار آهي. هري سنڌي قوم سان وفادار آهي. سنڌيت جو شيدائي آهي. هري تنواڻيءَ قلم بند ڪيل سمپادڪيہ گيان، شخصي آزمودن، عمدن ويچارن، هن جي علمي اڀياس، وشيہ جي ڄاڻ، گوناگونيت، ويچارن جي پختگيءَ ۽ اِنساني من جي اڀياس جو درشن ڪرائيندڙ آهن. مهراڻ جا سمپادڪيہ دل جي ڌڙڪن، راشٽر ۽ سماج جي ڌڙڪن کي متاثر ڪندڙ آهن. هري تنواڻيءَ جا قلم بند ڪيل عالماڻا سمپادڪي ليکہ ۽ ''شمع جلندي رهي'' (1999) ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيل آهن. ''مهراڻ'' ۾ سياسي، مُلڪي خبرون گهٽ پر ساهتڪ، سيپتڪ، تعليمي خبرون، ادبي رچنائون وڌيڪ هونديون آهن. مهراڻ ۾ شايع ٿيل ليکن، ڪالمن جا سنڌي ڪتاب پڻ شايع ٿي چڪا آهن جن ۾ 'مهراڻ جا موتي' ڪالمسٽ شري ڀڳوان سي. ٽڏاڻي ''پشپ''، ''سنڌيت وڏي يا ملڪ'' ليکڪ شري ڀڳوان اٽلاڻي ناياب مجموعا آهن. مهراڻ طرفان هري تنواڻيءَ جي ئي سمپادڪيہ ۾ ''گلدستو'' ٻال رسالو 1986 کان لڳاتار

پڻ حاصل ٿيو. هندوتوَ تي هن انيڪ عمدا ليک لکيا. جنهن کي پڙهڻ
سان سچو هندستاني بڻجڻ لاءِ ڳالهه اوچو ٿي تي ويو.

شري ليلارام رُچنداڻي

ناروشاهه، ضلع نوابشاهه ۾ ڄاول شري ليلارام رچنداڻي برک اديب
ڪوجنيڪ، آلوچڪ، اِتهاسڪار ۽ اخبار نويس هو. هن جو جنم 4.7.1924
۾ ٿيو. سڄي زندگي هوُ اخبارنويسيءَ سان جڙيل رهيو. ورهاڱي کان اڳ
سنڌ ۾ ٿي هو ''سنسار سماچار''، ''هندو سنسار''، ''آزاد'' روزانين اخبارن
سان، ''چوڏس'' هفتيوار سان گڏ ''سنڌو''، ''هندو سنسار'' روزانين
اخبارن جو سمپادن ڪاريه ڪندو رهيو. ورهاڱي بعد هو ''پرڪاش''
''جهوليلال''، ''آشا واڻي'' هفتيوار جي مکيه سمپادڪ طور رهيو. گڏوگ
''سنڌي سمراٽ''، ''سنڌو ڌارا'' ۽ ''هندو'' روزانيءَ سان پڻ جڙيل رهيو
هوُ ''فلمي دنيا'' ماهوار اخبار جو سهه سمپادڪ ''ڪلي'' فلمي ماهوار
جو ڪالمسٽ ۽ ''سنڌو ورٿو'' ٽِماهيءَ جو مکيه سمپادڪ ٿي رهيو. ه
سياسي ماهر هو. سياسي آلوچنا، ''سمپادڪيه''، ''دهليءَ جي ڊائري''
هن جا ڪافي لوڪپريه ڪالم هئا. جن مان ليلارام جي دوانديشي، عالمي
سياسي ماهريت، اڀياس جي ڄاڻ حاصل ٿيندي هئي. هو جنهن به اخبار
سان جڙيل رهيو ياهن جون خود جون سمپادن ڪيل اخبارون عوام
ڪافي مقبول پيون. پاڻکن ۾ اضافو ٿيندو رهيو. شري ليلارام رُچنداڻي
جا ڪوجناتمڪ شايع ٿيل ڪتاب آهن : ''سنڌي ٻوليءَ جو وڪاس''، ''سنڌ
درشن''، ''سنڌي لوڪ ڪهاڻيون''، ''سنڌي ٻولي''، ''گجرات جي سنڌي
ادب جو جائزو''، ''ورهاڱي بعد ڀارت ۾ سنڌي ادب'' وغيره. هن ک
بطور بهترين اخبارنويس ۽ بهترين ڪتابن لاءِ گجرات سنڌي ساهتيه
اڪادميءَ طرفان ڪافي انعام -سنمان حاصل ٿيا. اڪادميءَ طرفان هن
کي ''ساهتيڪ گؤرو پرسڪار'' سان پڻ سنمانت ڪيو ويو هو. هن سنڌي
ادب جي گهڻين صنفن ۽ سنڌي ٻوليءَ تي ڪوجناتمڪ مقالا قلمبند ڪ
جيڪي سنڌ جي ادبي رسالن جي پڻ سونهن بڻيا.

۾ پهريون زرعي منتري مقرر ٿيو. جواهرلال نهرو ۽ اِندرا گانڌي کيس وڏو آدر ڏيندا هئا.

ڀارت ۾ اچڻ بعد وري ”هندستان“ سنڌي اخبار جي بمبئيءَ ۾ اِستاپنا ڪيائين ۽ اُن جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جو ڇهاڙيءَ تائين چيئرمن رهيو.

هيرانند ڪرمچند



پنا جو نالو : ڪرمچند ماکيڃاڻي، جنم جي تاريخ: 1 آڪٽوبر 1899ع، مرتيو جي تاريخ : 25 آڪٽوبر 1976، جنم جو هنڌ : حيدرآباد سنڌ، مرتيو : ممبئي. گرو : دليپڪمار راءِ ۽ اِندرا ديوي.

سُپاءُ جو نهنو، گيتا ۾ پڪو وشواس رکندڙ، سچو ديش ڀڳت. پيشو : پترڪارتا.

1926 ۾ ’هندو‘ (هاڻوڪي ’هندستان‘) جو ايڊيٽر ٿيو. اِها اخبار 1916 ۾ شروع ٿي هئي.

پهرين آگسٽ 1946 تي ’هندو‘ جو نالو بدلي ’هندستان‘ ڪيو ويو.

1921 ۾ ۽ ٻين ڪيترن موقعن تي انگريزن خلاف ليک لکڻ سبب جيل جون ياترائون ڪيائين.

1947 واري ورهاڱي بعد جڏهن ”هندستان“ روزاني ۽ ”هندواسي“ هفتيوار بمبئيءَ مان وري چالو ڪيون ويون، تڏهن کان وٺي 1976 ۾ پنهنجي مرتيو تائين هندستان اخبار جو ايڊيٽر رهيو، سندس سمپادڪي ليک ديش ڀڳتي، نڊرتا، سچائيءَ ۽ ايمانداري ڀريا هوندا هئا.

هوندراج ”دکايل“

پنا جو نالو : ليلارام ماڪ، جنم جي تاريخ: 16 جنوري 1910ع، مرتيو جي تاريخ : 21 نومبر 2003، جنم جو هنڌ : لاڙڪاڻو سنڌ، مرتيو : آديپور (گ انڌيڌام).

سنڌ جو راشٽر ڪوي، آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڀرپور حصو ورتائين. نگر

ڇهه سال شايع ٿيندو رهيو، هري تنواڻي رزرو بئنڪ پاران شايع ٿيندڙ ساليانيءَ ادبي رسالي ”الڪا“ جي سمپادڪيه منڊل تي پڻ رهي چڪو آهي. راجا هوندراج داس جي، اخبار ”نيون سنسار سماچار“ ۾ سهه سمپادڪ طور پڻ ڪاريه ڪري چڪو آهي. ڀارت ۾ مان شايع ٿيندڙ انيڪ اخبارن جو ڪالمسٽ ۽ خاص عيوضيءَ طور پڻ ”مهراڻ“ اخبار شروع ڪرڻ ڪان اڳه رهي چڪو آهي.

هريءَ جو جنم 1 جنوري 1949 تي ممبئيءَ ۾ ٿيو. هنجي سماجڪ ۽ سنڌيت سان ڀرپور وشين ۾ خاص دلچسپي پئي رهي آهي. هن جو لاثاني يادگار آهي ”ساهتيه ڪلا درسني“ جو سمپادن. 1980 ڀارت ۾ جي اديبن، فنڪارن، ناٽڪ منڊلين، سنڌي فلمن جو اِتهاس، بوڪ سيلر، اخبارون، رسالا، مخزنون، لئبرريون وغيره جا تفصيل درج ٿيل آهن.

جئرامداس دؤلترام



پتا جو نالو : دؤلترام عالمچنداڻي، جنم تاريخ: 21 جولاءِ 1889ع، مرتيو : 1 مارچ 1979، جنم : حيدرآباد سنڌ، مرتيو : نيو دهلي.

پرسڌ ديش ڀڳت مهاتما گانڌيءَ جو پڪو پوئلڳه. مهاتما گانڌيءَ کيس ”سچو سون“ ۽ سروجني نائڊوءَ کيس ”بيابان جو چراغ“ ڪري سڏيندي هئي. انيڪ دفعا جيل ياترائون ڪيائين.


سنڌ ۾ ”هندو“ (هندستان) اخبار جو ايڊيٽر رهيو ۽ ايڊيٽر طور جيل به ڀوڳيائين.

انگريزي اخبار ”هندستان ٽائيمس“ جي 1925ع ۾ اِستاپنا ٿيڻ وقت، مدن موهن مالويه کيس ”هندستان ٽائيمس“ جو پهريون ايڊيٽر مقرر ڪيو.

ڀارت جي آزاد ٿيڻ ڪانپوءِ پهرين آسام (جنهن ۾ ناگالئنڊ سميت ڇهه بيا به راجيه شامل هئا) تنهنجو گورنر مقرر ٿيو ۽ بعد ۾ مرڪزي سرڪار

تمام مشهور ڪالم نويس هو. سندس ڪالم پاٺڪ ڏاڍي دلچسپيءَ سان پڙهندا هئا.

شري هيرو ٺڪر




شري هيرو ٺڪر هند-سنڌ جو برک محقق، اديب، تنقيدڪار، مضمون نويس ۽ اخبار نويس آهي. سنڌي ٻوليءَ جي ماهر هيري ٺڪر سنڌيءَ جي پهرئين قديم شاعر قاضي قادن جي بيتن جي ڳولها ڪري سنڌي ٻوليءَ سان وڏا وڙ ڪيا آهن ته وري سنڌي ٻوليءَ جي کوج ڪاريہ ۾ هڪ اهم ترين ڪم ڪيو آهي.

شري ٺڪر جو جنم 2 مارچ 1943 ۾ حيدرآباد ۾ ٿيو. شري هيري ٺڪر پنهنجي ادبي جيون جي شروعات ڪوتائن سان ڪئي. هن مهل تائين 'قاضي قادن جو ڪلام'، پيرومل مهرچند، تحقيق ۽ تنقيد، انڊلٺ ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيل آهن. 'تحقيق ۽ تنقيد' (2003) ڪتاب تي مرڪزي ساهتيہ اڪادمي انعام ۽ ٻين ڪتابن تي انيڪ انعام، سنمان اوارڊ حاصل ٿيل آهن. شري هيرو ٺڪر پهريون ڀارتي اديب آهي جنهن کي سنڌ گرئجويٽ ائسوسئيشن پاڪستان طرفان ''دستار بندي'' (پڳڙي) جهڙي اعليٰ سنمان سان نوازيو ويو آهي. سنڌ جي گورنر جناب اِشرت عبد هيري کي ''شاهہ لطيف اوارڊ'' سان پڻ سنمانت ڪيو آهي. سنڌي اڪادمي دهليءَ طرفان پڻ هن کي خاص انعام ڏيئي هن جي عزت افزائي ڪئي ويئي آهي.

اخبار نويس جي حيثيت ۾ شري هيرو ٺڪر ''هندستان روزاني'' ۽ ''هندواسي'' جو خاص عيوضيءَ طور شيوائون ڏنيون آهن. ڀارت جي پارليامينٽ ۾ هندستان جي خاص عيوضيءَ طور حاضر رهڻ جي مقرري ٿيل هئي.

ماڊيم اخبار نويس طور هن آڪاشوائيءَ جي سنڌي سماچار وڀاڳ جو



نگر، شهر شهر وچي سنڌي عوام کي آزاديءَ جي
لڙائيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ آماده ڪيائين.
ڀارت جي آزاديءَ بعد، ڀائي پرتاپ سان گڏجي
گانڌيڌام (سنڌين جو شهر) جي اڏاوت ۽ آباديءَ
لاءِ پاڻ پتوڙيائين.
پهرين مهاتما گانڌيءَ جو ۽ آزاديءَ بعد
ونوبا ڀاوي جو پڪو پوئلڳ رهيو ۽ نگر نگر وڃي
ڀوُدان لاءِ پرچار ڪيائين. 'ڀودان' نالي اخبار به ڪڍندو هو.
ڪتاب : ''آلاپ آزادي''، ''قاسي گيت مالها''، ''سنگيتانجلي'' ۽
ٻيا ڏزن کن. دادا دکايل ''ستيه پرڪاش'' ۾ سهه سمپادڪ طور رهيو. بعد
۾ ''هنومان'' هفتيوار شايع ڪيائين. 1938 ۾ ''دکايل'' اخبار ۽ ورهاڱي
بعد ''ڌرتي ماتا'' ۽ ''گانڌيڌام سماچار'' جو سمپادن ڪاريه ڪيائين.

ٻلديو گاجرا

پتا جو نالو : تاراچند گاجرا، جنم جي تاريخ: 9 سيپٽمبر 1909ع،
مرتيو : 1991، جنم جو هنڌ : شڪارپور سنڌ، مرتيو : ممبئي.
پڪو ڪانگريسي، پڪو ديش ڀڳت. پيشو : ليکڪ ۽ پترڪار.
ننڍي عمر کان ئي ڪانگريس هلچلن ۾ ۽ ديش ڀڳتيءَ وارين
ڪاررواين ۾ سرگرم ڀرو ورتائين.
هتي ڀارت ۾ اچي ''ڀارتواسي'' هفتيوار اخبار ڪڍيائين جيڪا ٽيهارو
سال بلاناغا (ريگيولر) نڪرندي رهي. اُن طرفان ڪيترائي شاندار پستڪ،
''گانڌي گرنٿ''، 'جواهر گاٿا'' وغيره شايع ڪيا ويا.
''آزاديءَ جي ڀُڏ ۾ سنڌ جو ڀاڱ'' سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ سنڌس
يادگار پستڪ آهن. انگريزي ڪتاب جو ووچن راجيوگانڌيءَ ڪيو هو.
پاڻ سنو نثر ۽ نظم لکندڙ هو. هن جي ڪويتائن جا ڏزن کن ڪتاب
شايع ٿيل آهن، جن ۾ ''گمنام صدا''، ''قول ۽ ترانا''، ''شعر و شاعري''،
''جنگي ترانا'' وغيره مشهور آهن.

جدا صنفن ۽ وشيہ تي پنجاھہ کان متي ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. ھوُ بهترين انوادڪ پڻ آهي. هندي - گجراتيءَ مان سنڌيءَ ۾ ۽ سنڌيءَ مان ٻين ٻولين ۾ پڻ هن جا جهجها ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن. جيني لالواڻيءَ کي بهترين سنڌي، گجراتي ڪتابن طور گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جا، ٻين اڪادمين ۽ راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد، ڀارت سرڪار طرفان انيڪ انعام - اوارڊ حاصل ٿيل آهن. سيينٽڪ، ادبي، تعليمي سنسٿائن طرفان حاصل انعام بہ ڪافي گهڻائيءَ ۾ آهن پر وڏ ۾ وڏ عزت بخش انعام آهن 'بهترين سنڌي ساهتيڪار' جو اوارڊ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا طرفان، گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ طرفان "ادبي گؤرو پرسڪار"، گجرات سنگيت ناٽڪ اڪادميءَ طرفان "ناٽڪ ڪلا گؤرو پرسڪار" (جيڪو گجرات جي ٻئي ڪنهن بہ سنڌي ناٽڪڪار کي عطا ٿيل نہ آهي). "آزاديءَ جو پروانو امر شهيد هيمون ڪالاڻي" ڪتاب تي راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد ۽ بااختيار سنڌي ٻولي اٿارٽي سنڌ پاڪستان طرفان سنڌي ٻال ساهتيہ جي ڏنل ساهتيڪ شيوائن لاءِ "مهتا اوارڊ"، سنڌ صحافت ڪاتي طرفان خاص ادبي سنمان وغيره. ڊاڪٽر جيني لالواڻيءَ جدا جدا راشٽريہ، عالمي ادبي ڪانفرنس ۾ حاضر رهي جدا جدا وشين - صنفن تي ادبي عالماڻا، کوجناتمڪ مقالا پيش ڪري ڪافي داد حاصل ڪيو آهي.

بطور سمپادڪ ۽ اخبارنويس طور هو اسڪولي - ڪاليجي جيوت کان ئي هن ڏس ۾ ڪافي سرگرم رهيو آهي. اسڪول ۾ وال مخزن، هنس مخزن جو سمپادڪ ٿي رهيو تہ وري ڪاليج ۾ انٽر ڪاليجئيٽ سنڌي ائسوسئيشن جي ساليانی رسالي "لهر" جو سمپادن ڪيائين. هن "ڪلي" نالي ماهوار اخبار 1960 ۾ مڪيہ سمپادڪ طور شروع ڪري 1980 تائين دستوري ڍنگہ سان هلائي هيءَ مخزن هندستان مان نڪرندڙ سيني فلمي ۽ ڪلا جي ڏس ۾ ڪافي دلچسپ ۽ اڳري رهي.


شري جيني لالواڻيءَ "سنڌيت"، "جهلڪ" سان گڏ انگريزيءَ ۾

37 سال لڳاتار شيوائون ڏنيون آهن ۽ سنڌي نيوز يونٽ جي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ طور اعليٰ پد تان رٽائرڊ ڪيو آهي. جملي هن جا اڻ شاهڪار، معياري ڪتاب شايل ٿيل آهن. هن يو.ڪي.، آمريڪا، ڪئناڊا، سنڌ، پاڪستان ۽ عرب اميرات ملڪن جو نہ صرف دؤرو ڪيو آهي پر انيڪ عالمي ڪانفرنسن ۾ جرنلزم، ادب، ثقافت ۽ ٻين وشين تي عالماڻا مقالا پڻ پيش ڪيا آهن.

سداحيات هري موٽواڻيءَ جي معياري ادبي مخزن ”ڪونج“ جي سمپادڪ منڊل تي رهي پڻ شري هيري ٺڪر لٽرري جرنليزم طور شيوائون ڏنيون آهن.

”سنڌي اخبار نويسيءَ جا سوا سؤ سال وشيہ“ تي پهريون سيمينار دهليءَ ۾ ڪوٺائڻ جو شرف شري هيري ٺڪر کي حاصل آهي نہ صرف ايترو پر پارٽ پرم ۾ شايع ٿيندڙ اخبارن-رسالن جي ڊاڪيومينٽري جوڙي دهلي دوردرشن تان پرسارت ڪرڻ جو پهريون شرف بہ هيري ٺڪر کي آهي. سنڌي اخبارنويسي ۽ ڪرم يوگي شري هيرانند ڪرمچند (برڪ اخبارنويس) جو ڪتاب سمپادن ڪرڻ جهڙو تواريخي ڪم بہ شري هيري ٺڪر ڪيو آهي.

ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي



ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي جنهن جو جنم 8 مارچ 1945 تي ڪنڊيارو، سنڌ، نوابشاهہ ضلعي ۾ ٿيل آهي. بطور تعليم يافت هو ايم.اي.، بي.ايڊ ۽ سنڌيءَ سان پي.ايڇ.ڊي. آهي. شري جيٺو لالواڻي هند-سنڌ جو برڪ اديب، مضمون نگار، ڪهاڻيڪار، ناٽڪ ڪار، ٻال ساهتڪار، لوڪ ساهتيہ جو اڀياسو هڪ چست فنڪار، سمپادڪ ۽ اخبارنويس آهي. هند-سنڌ جي ادبي، سياسي، تعليمي سنستائن سان جڙيل ڊاڪٽر جيٺي لالواڻيءَ جا سنڌي، هندي، گجراتي، اُردوءَ ۾ جدا

احمدآباد آڪاشواڻيءَ تان پرسارت ٿيندڙ سنڌي نيوز بليٽن جو ڪئزيوئل انوادڪ ۽ اناؤنسر طور وقت بہ وقت شيوائون ڏيندڙ آهي.

ڊاڪٽر لالواڻي اخبارن، رسالن ۽ ريڊيو صحافي (اخبار نويس) آهي. انيڪ اخبارن، رسالن، مخزنن لاءِ خبرون، احوال، رپورٽون لکڻ جو ڪم ڪندو رهي ٿو.

ڊاڪٽر چيني لالواڻي انيڪ اخبارنويسي ڪانفرنسن ۽ اجلاسن جو آيوجن ڪيو آهي تہ وري اخبارنويسيءَ تي انيڪ عالماڻا ڪوجناتمڪ مقالا لکي پنهنجي سوجهہ ٻوجهہ ۽ آزمودي جو اظهار ڪيو آهي.

ديالداس موٽواڻي



سرڳواسي ديال لعلچند موٽواڻي سنڌيت جو شيدائي، سچاڳہ سماج سيوڪ، اخبار نويس هو. هن مارچ 1966 کان ''جهوليلال'' هفتيوار اخبار شروع ڪئي جا لڳاتار نيمائتي 30 سال شايع ٿيندي رهي.

شري ديالداس سنڌي، گجراتي، هنديءَ جو ڄاڻو هو. فلاسافي، منووگيان، مسافري ڪرڻ ۽ ادبي ڪتاب اُن ۾ خاص ڪري ڪهاڻيون ۽ ناول پڙهڻ جو هن کي شوق هو. هن جو جنم سنڌ جي دادوءَ ۾ ٿيو هو.

هو آٽو رڪشا ڊرائيورس ڪو-آپريٽور سوسائٽي احمدآباد جو چيئرمن پد ۽ اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا جي ڪاروباري ڪاميٽيءَ ڪانسواءِ سڀا جي انيڪ پدن تي براجمان رهيو. شري ديالداس جي ناچاڪائي واري عرصي ۾ شري اي. جي. اُتم هن اخبار جو ڪاريہ سنڀاليو.

هن جي اخبار جهوليلال ڀارت جي سياسي ۽ ساهتيڪ کيتر ۾ خاص اڳري رهي. هن اخبار ۾ نيمائتا نت-نوان نوان ڪالم شايع ٿيندا رهيا. برک اخبار نويس ۽ اديب شري ليلارام رُچنداڻي هن اخبار سان جڙيل رهيو ۽ ڪجهہ عرصو سمپادڪ منڊل تي پڻ رهيو.

”هوريزن“ مخزن جو پڻ سمپادن ڪيو آهي. گجرات سنڌي ساهتيہ اڪادميءَ جي ساليانِي ادبي رسالي ”ادبي چمن“ جو لڳاتار سمپادن ڪندو پئي رهيو آهي. جنهن جو ادبي معيار سنڌ جي ”مهراڻ“ جيان قائم ٿيل آهي. دهلي سنڌي اڪادميءَ جي ”جوت جلي“ ساهتيڪ رسالي ۽ ٻارن جي رنگارنگي ”جهر-مر“ مخزن جي سمپادڪ منڊل تي رهي پڻ لالواڻيءَ شيوائون ڏنيون آهن. راشٽريہ سنڌي ٻولي وڪاس پريشد جي ٽہ ماهي بليٽن ”خبرنامي“ جو سمپادن پڻ لالواڻيءَ بخوبي نباهيو آهي. هند-سنڌ جي اڪيلي ناٽڪ ڪلا جي ٽہ ماهي مخزن اِسٽيج ۾ لالواڻيءَ پنهنجي سمپادن ڏانو، سوچ، علميت، ماهريت جو پورو پورو جوهر ڏيکاريو آهي.

ناٽڪن، ناٽڪ ڪلا، ناٽڪ سرگرمين جي ڏس ۾ جاڻ ڏيندڙ پهرين ۽ اڪيلي هيءَ مخزن آهي. جنهن طرفان انيڪ فنڪارن جا خاص پرچا، ناٽڪ منڊلين جا انڪ پڻ شايع ٿي چڪا آهن. ”اسٽيج“ مخزن هند-سنڌ ۾ سنڌي ناٽڪن-رنگہ منچ جي تواريخ جوڙڻ ۾ اڳرو آستان قائم ڪيو آهي. اسٽيج مخزن ۽ اُن جي خاص انڪن کي ڪٺي ودوانن، عالمن، تحقيق ڪندڙن نہ صرف معياري مقالا قلم بند ڪيا آهن پر ناٽڪ فن تي ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري پڻ حاصل ڪئي آهي.

ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي ”لٽرري جرنليزم“ (ساهتيڪ اخبار نويس) ۾ ڪافي اڳرو رهيو آهي ۽ پنهنجي سوجهہ ٻوجهہ علميت جو مظاهرو ڪيو آهي. هن جي اخبارنويسيءَ جي ڏس ۾ ڏنل خدمتن جو قدر ڪندي اکل ڀارت سنڌي سماج پترڪار پريشد طرفان 1995 ۾ بهترين اخبارنويس جي سنمان سان نوازيو ويو.

اِنهن ڪانسواءِ ڊاڪٽر جيٺو لالواڻيءَ جهلڪ هفتيوار، جهلڪ روزانيءَ سان پڻ جڙيل رهيو تہ وري جهوليلال هفتيوار، چيٽي چنڊ هفتيوار، فلم ۽ فئشن ماهوار، مارئي ماهوار، نذرانو ٽہ ماهي، هوءَ (ساليانِي مخزن) جي سمپادڪ منڊل ۽ ڪالمسٽ طور شيوائون ڏنيون آهن. هن وقت

سنڌي اخبارنويس ناريون

سنڌ ۾

سنڌي اخبار نويسيءَ ۾ ڪجهه عرصو پهرين سنڌي عورت جو ايترو حصو رهيو آهي جيترو اٽي ۾ لوڻ برابر.

ورهاڱي کانپوءِ جنهن سنڌي صحافت ۾ جنهن پهريون قدم رکيو سا هئي اسان جي محترمه جيجي زينت چنا، جنهن سنڌي صحافت ۾ عورتن لاءِ انقلابي ڪردار ڪيو، 1954 سنه ڌاري حيدرآباد مان سنڌي عورت لاءِ ''مارئي'' رسالو جاري ڪري سنڌ ۾ بيشمار ليکڪائون پيدا ڪيون. جيجي زينت چنا پاڻ به هڪ بهترين ڪهاڻيڪار هئي ۽ سنڌي پهرين مسلمان ايڊيٽر هئي.

1965ع ۾ عورتن جو ٻيو رسالو ''اديون'' خانم خديجه دائودپوٽي جي ايڊيٽريءَ هيٺ شروع ٿيو.

''اديون'' کانپوءِ عورتن لاءِ رسالو 1972ع ۾ گل بانو سلطانه ''سوجهري'' جي نالي سان شروع ڪيو سوجهري ۾ سحر امداد به ڪم ڪيو انهيءَ ڪوشش سان ''سوجهري'' سڄي سنڌ کي سوجهرو ڏيڻ شروع ڪيو. الائي ''سوجهري'' کي ڪهڙي نظر لڳي جو ايڏو مقبلو رسالو بند ٿي ويو. 1960 سنه کان 1970ع جي وچ ۾ ''عبرت'' اخبار جو زنانو صفحو زيبُ اي شيخ جي زير نگراني ۾ شروع ٿيو جنهن جون خدمتون ۽ ڪوششون سنڌي عورت جي سماج ۽ ادبي بهتريءَ جي سلسلي ۾ وسارڻ جوڳيون نه آهن.

1969ع کان ''هلال پاڪستان'' هڪ نئين رنگ سان ظاهر ٿي جنهن ۾ عورتن جي صفحه جي ''سگهڙين سٿ'' جي اِنچارج فهميده حسين هئي ۽ انهيءَ سگهڙين سٿ جي صفحو ۾ سنڌي عورتن کي گهڻو اڳتي آندو.

''سلطاني وقاصي'' شاعرا ته هئي پر هن صحافت ۾ حصو ورتو ''عوامي آواز جو عورتن جو صفحو سنڀاليو ۽ ڪاميابي سان هلايو، انهن عورت جي

جهوليلال اخبار سنڌي تحريڪ جي اڳري اخبار رهي. هن ۾ شايع ٿيل سنڌيت سان ڀرپور ليکن، مضمونن، سمپادڪيه سنڌي هلچل کي هڪ نئون موڙ ڏنو. جڏهن لپيءَ جو سوال اُٿيو تڏهن هن اخبار سنڌي لپيءَ جي حمايت ڪئي ۽ ديوناگريءَ خلاف انيڪ خبرون، ڪالم، ليکه بي باڪيءَ سان لکيا ۽ شايع ڪيا. هن اخبار ساليانا سيپتڪ جلسا ڪرڻ جي شروعات ڪئي. سنڌيت جي شيدائي ديالداس موٽوانيءَ سنڌي لپيءَ جي حمايت ۾ دهليءَ ۾ ٿيل 52 شخصن جي بکه هڙتال ۾ پڻ بهرو ورتو هو. هن اخبار جو خواجا احمد عباس جو ”بلز“ اخبار ۾ شايع ٿيندڙ آزاد قلم سونهن ۽ ڪشش رهيو. جيڪو نيمائتو پنئين صفح تي شايع ٿيندو پئي رهيو. پاٺڪ اُهو پڙهڻ لاءِ بي صبريءَ سان انتظار ڪندا هئا. آزاد قلم جو مترجم رهيو شري چيتو لالواڻي. اِهو ڪالم اخبار ۾ لڳاتار پندرهن سال هلندو رهيو.

شري ليلارام رُچنداڻيَ جا سنڌي ٻوليءَ جي حوالي ۾ هن اخبار ۾ شايع ٿيل ليکه ادبي حلقن ۾ ڪافي مقبول پيا. هن اخبار جو پارت پر جي سنڌي هفتيوار اخبارن جي ڀيٽ ۾ ڦهلاوَ ڏ ۾ وڏ رهيو. شري ديالداس جي وفات ٿيڻ ڪانپوءِ ڪجهه سال هن اخبار جي واڳه ڏور سندس سپاتر شري خوشحالداس موٽوانيءَ سنڀالي.

❒ ❒ ❒

جو عورتن جو صفحو سنڀاليندي هئي ۽ ”عبرت اخبار“ مان ٿي سوچيا جي عنوان سان ڪالم لکندي رهندي هئي سنڌ جي بهترين ليکڪا مهتاب محبوب به ڏاڍا سنا طنزيه ڪالم لکيا.

نذير ناز ”عبرت“ مئگزين ۾ ”نذير ناز جو ڪالم“ عنوان سان ڪالم لکندي هئي لڳاتار پورو سال يا ان کان به وڌيڪ ”عبرت“ مئگزين ۾ لکڻ کانپوءِ ناري پبليڪيشن طرفان ”جهرڪا“ جي نالي سان ڪالمن جو ڪتاب شايع ڪرايو.

ورهاڱي کانپوءِ سنڌي ادب ۾ سنڌي عورت جو پهرين ڪالم تي مشتمل ڪتاب ”جهرڪا“ آهي.

انهيءَ کان علاوه شبنم گل بطور صحافي ”عبرت مئگزين ۾ ڪجهه وقت ڪم ڪيو ۽ شبنم گل مختلف موضوع تي ڪالم پڻ لکيا آهن.

نذير ناز ڏيڍ سال کان به وڌيڪ ”مهراڻ“ اخبار ۾ عورتن جو صفحو ”ناري ست“ جي نالي سان هلايو. نذير ناز کانپوءِ ڪجهه مهنا نسرين نوري مهراڻ ۾ ”سورمي“ جي نالي سان هلايو.

نصرت لاشاري، صحافت جي ميدان ۾ گهڻو ڪم ڪيو آهي ”جاڳو“ اخبار ۾ ڪم ڪندي رهي آهي ۽ مختلف سياسي سماجي موضوع تي ڪالم لکيا آهن ۽ اجا تائين لکندي رهي آهي حميرا انور شاعري سان گڏوگڏ ڪالم مختلف اخبارن ۾ لکندي رهندي آهي. سندس ڪالم جو ڪتاب ”ذائقان ذات“ جي نالي سان شايع ٿي چڪو آهي.

امر سندو، شاعري به ڪئي آهي، ملڪي ۽ بين الاقوامي حالات تي ڪالم لکندي رهي آهي. وزير ثقافت ۽ سياست سسئي پليجو شاعريءَ سان گڏوگڏ بهترين ڪالم لکيا آهن.

ايم.پي.اي. حميرا علواڻي ڪالم نگار آهي ۽ سندس ڪالم ”ڪاوش“ ۾ شايع ٿيندا رهندا آهن. وينگس منڱي عورت ذات تي پڻ سنا ڪالم لکيا آهن.

انيتا شاهه ته چمندي جام هئي جڏهن هوءَ فرسٽ ايئر ۽ اِنٽر آرٽس

صفحي جي ڪري گهٽيون ليکڪائون ميدان ۾ آيون هيون. پر جيئن عورتن لاءِ ڪو مئگزين ڪونہ نڪري رهيو هو، انهيءَ ڪوٽ کي محسوس ڪندي نذير ناز صحافت ۾ قدم رکيو. مارچ 1979ع ۾ ناري مئگزين ڪڍيو، ناري جي ناري جي مئگزين ۾ ليکڪائن گهڻو حصو ورتو، سنڌ جي نامور ليکڪائن ناري ۾ لکيو. ناري ۾ هڪ منفرد طبقي سان ناري جا مئگزين ۾ جنهن ليکڪا جا اِنٽرويو شايع ٿيندو هو، انهي جي اِنٽرويو مان هڪ خوبصورت جملو ڪڍي ناري جو عنوان رکيو ويندو هو. مثال طور ناري جي پهرئين پرچي ۾ خير النساءَ جعفري جي ڇپيل اِنٽرويو ۾ جملي ”هيل نہ ڪو سنگ ڪاڻم“ اهڙي طريقي سان بهترين جملي سان ناري نڪرندو رهيو آهي. جلد ئي نذير ناز سنڌ ۾ سني ادب جي ڪوٽ کي محسوس ڪندي ”ناري پبليڪيشن“ جي تحت بهترين ادب جا ڪتاب شايع ڪرڻ شروع ڪيا.

انهيءَ سنڌ جي پهرين خاتون پبلشر جو مرزا قليچ اوارڊ 13-03-1987 تي حاصل ڪيو.

انهيءَ دوران نوالهدي شاهہ ”موڪ“ يا مهڪ جينالي سان هڪ مئگزين شروع ڪئي پر اهي بہ هڪ بہ مئگزين نڪتا عورت جي ايڊيٽري هيٺ اُهي مئگزين بہ بند ٿي ويا.

سنڌ ۾ محترم قبلہ طالب المولي ادبي روڊ مان عورتن لاءِ ”سرتيون“ رسالو جاري ڪيو جنهن جي پهرين ايڊيٽر گل بندن جاويد مرزا آهي.

سرتيون ۾ گل بند جاويد مرزا سان ڪم ۾ ڀاڱيوار ٿيندڙ ثمينہ ميمڻ ۽ نجم پنهور 1992 ۽ 1993 جي دوران ان مهنن لاءِ نذير ناز ”سرتيون“ جي ايڊيٽر رهي ”سرتيون“ اڄا تائين سرڪاري سرپرستي ۾ جاري آهي.

سنڌ جون ڪالم نگار عورتون :

سنڌي عورتن سنڌي زبان ۾ هلڪي ڦلڪي انداز ۾ تمام سٺا روزمره جي حالت تي ڪالم لکيا آهن. مرحوم ثريا سوز ڏيبلائي رسالو ”ساٿيهہ“

ڪري اڳتي اچڻ گهرجي سنڌي عورت ڪنهن به لحاظ کان گهٽ ناهي سنڌي عورت ڏاهپ، سچائي ۽ محنتي عورت آهي عورت جي مسئلي کي جيترو عورت سمجهي سگهندي ۽ وائکو ڪري پڙهندڙن آڏو آئيندي تي موثر ٿيندو.

پر هڪ افسوس جهڙي ڳالهه آهي ته اسان جي سنڌ سرڪار اسان جي صحافي عورت کي اُهو مان ناهي ڏنو ويو پوريءَ طرح ڪنهن صحافي عورت کي دعوت نتي ڏني وڃي بين صوبن جي خواتين صحافي عورت کي غير ملڪي دؤري تي موڪليو وڃي ٿو، بلڪ وزيرن جي وفد ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو پر اوهان ڪڏهن ٻڌو ته سنڌ مان ڪنهن سنڌي صحافي عورت کي وفد ۾ شامل ڪيو هجي.

هند ۾

ورهاڱي بعد سنڌي عورت جيڪا سنڌ ۾ چؤديواريءَ ۾ اندر رهندي هئي اُها تعليم يافت بڻي هرکيتر ۾ قدم ڏريا. ساهتيه، ڪلا، اخبارنويسي، تعليم، سماج سيوا، سياست، ڌارمڪ وغيره کيترن ۾ سرجوشيءَ ۽ سرگرم رهي اڳتي ۽ وڌندي رهي. سنڌي اخبارنويسيءَ ۾ پڻ اڳري رهي. جن سنڌي نارين سمپادڪ طور اخبارنويسيءَ ۾ پير ڏريا ۽ ڪاميابيون حاصل ڪيون اُنهن ۾ خاص آهن: سشيلا چيئانند لالواڻي ”راجفلمستان“، ”پارت جيون“ پونم چندرو ملاڻي ”نرگس سنديش“، راڌيڪا منسکاڻي ”پيروي“، شريمتي ڪرتا اي. پمياڻي ”مارئي“، شريمتي رجني پنجابي ”سندو جوت“ هفتيوار، ڪماري ديا لعلچنداڻي ”سرسوتي“، ساوتري گربخشاڻي ”شام“، ستي ٿڌاڻي ”آتم درشن“، ڊاڪٽر ڪملا گوڪلاڻي ”بسنتي“، سيتا ميرچنداڻي ”لوڪ راجيه“، اندران گيهاڻي، شريمتي پرميلا هري تنواڻي ”مهراڻ“ هفتيوار (ڪجهه سال)، ”سنڌي راجا“ شريمتي هرشا چيئواڻي، ”سنڌي گلستان“ شريمتي انجو تلسياڻي وغيره. اِن کانسواءِ آڪاشواڻيءَ تان پرسارت ٿيندڙ ”سنڌي نيوز بليٽن“ ۾ شريمتي ڪِڪوُ پلا (ميڊيا جرنيلزم) ۾ ڪافي اڳري رهي.

جي اسٽوڊنٽ هئي تڏهن هن کي صحافت جو شوق هو، مونکي چڱيءَ
طرح ياد آهي ته انيتا شاهه ناري مئگزين وانگر پنهنجي هٿن سان لکي ۽
ترتيب ڏئي هڪ مئگزين تيار ڪيو ۽ مان جيئن نذرت ۾ پڙهائيندي
هيس هوءَ منهنجي اسٽوڊنٽ هئي مونکي اچي هن مئگزين ڏيکاريو.
سندس هٿن سان لکيل ۽ ترتيب ڏنل مئگزين ڏسي مان کي تمام گهڻو
خوش محسوس ٿي. مان سمجهي ويس هي ڇوڪري وڏي ٿي نالو پيدا
ڪندي واقعي انيتا شاهه محنتي هوشيار ڇوڪري هئي. محترم ارشاد
لاڙڪ تمام بهترين ڪالم نگار آهي. سحر گل پٽي به ڪالم لکي رهي
آهي.

فضا قريشي به ڪالم لکيا ج.ع. سنگهاڻي ڪالم نگار به آهي ناول ۽
ڪهاڻيون به لکيو اتم هاڻي ”سوجهرو“ سان وابسته آهي اها خوشي جي
ڳالهه آهي سنڌي ڇوڪريون صحافت جي ميدان ۾ اچي چڪيون آهن.
هن هلندڙ دؤر ۾ عبرين هيسباڻي شام اخبار بطور رپورٽر صحافتي
ڪيريئر جي شروعات ڪئي.

2005ع 10 سيپٽمبر کان روزاني ”ڪاوش“ جو نازڪ مئگزين ۾ رپورٽر
طور شامل ٿي هن وقت تائين عورتن جي سماجي سياسي توڙي اِنساني
حقن جي حوالي 118 کان وڌيڪ فيچرز، اسٽوريز ۽ آرٽيڪل لکيا آهن
عاليه انجم سومرو ڪي. ٽي.اين. نيوز رپورٽر جي حيثيت سان ڪم
ڪري رهي آهي. فرحانه بلوچ بطور اخباري رپورٽر ڪم ڪري رهي
آهي. ڪي وري شادي ڪانپوءِ گهرن ۾ گهر وسائي ٻارن کي پالڻ ۾ مست
آهن گهڻن نالن ۾ طاهره لغاري جو نالو وسارڻ جوڳو ناهي. طاهره لغاري
”ناري“ جي بطور صحافي رپورٽر پڻ رهي ۽ ڪاوش اخبار ۾ هو مختلف
موضوعن تي زبردست فيچرز پڻ لکيا آهن.

جيئن ته صحافت جي فيلڊ هاڻي معيوب ناهي رهي جاڪاڻ ته جڏهن
اسان شروعات ڪئي تڏهن عورت کي صحافي هوڻ سٺو نه سمجهيو
ويندو، هاڻي جڏهن اها فيلڊ سٺي آهي ته سنڌي ڇوڪرين کي هن

شريمتي روشني روهڙا، جيوتي واسواڻي، گيتا پاڻيا، مينا شهدادپوري
اُشا ٽيڪچنداڻي، ڪماري وملا ٻالواڻي، مالا خوبچنداڻي، پنڪي ٻيلا
وغيره سنڌي ميڊيا جرنيلزم (ماڌيم اخبار نويسي) سان آڪاشواڻي سنڌ
سماچارن سان جڙيل آهن، شريمتي جيوتي ڪالاڻي (اُلهاسنگر)، ش
رامچنداڻي ۽ انجلي تلسياڻي کي اکل ڀارت سنڌي سماج پترڪار پري
طرفان سنمانت پڻ ڪيل آهي.

اِن ڪانسواءِ ڪيترين سنڌي اوچ تعليم حاصل ڪيل ناريون جدا ج
انگريزي، هندي، گجراتي ۽ ٻين مڪاني ٻولين، نيوز چينلن ۾ ر
خاطو نمائندي، ڪرسپاڊنٽ طور ڪم ڪري سنڌي جاتيءَ جو نالو رو
ڪري رهيون آهن.

آڪاشواڻي سنڌي سماچار

آڪاشواڻي دهليءَ تان 1967 کان سنڌيءَ ۾ خبرون ڏيڻ شروع ٿي
جيڪي نيمائتيون اڄ ڏينهن تائين پرسارت ٿينديون رهيون آهن. ا
دهليءَ مان هاڻي احمدآباد آڪاشواڻيءَ تان سنڌي نيوز بليٽن اي
آهن. جملي چار ڏينهن بليٽن ٻه صبح جو 7-20 ۽ 8-40 بجي ۽ شام ج
6-15 ۽ 8-10 هرروز هڪ انٽرنل ۽ ٻي ايڪسٽرنل جملي هرهڪ ڏ
منٽن جي يعني هرروز 40 منٽ سنڌي خبرون ايندڀون آهن. ايڪسٽ
بليٽن دنيا جي هڪ سؤ کان ٻه وڌيڪ ملڪن ۾ ٻڌي ويندي آهي.

ڀارت ۾ ڪنهن ٻه ٽي.وي. چينل تان سنڌيءَ ۾ سماچار نہ ايندا آ
پرسنڌ ۾ ڪي. ٽي. اين.، سنڌ ٽي.وي. ۽ ڪاوش، عبرت ۽ ڪن ٻ
سنڌي ٽي. وي. چينلن تان خبرون سڄو ڏينهن ٻڌايون وينديون آه

❒ ❒ ❒

واقفيت

لو : موتيرام ٽي. رامچنداڻي 'باغي'

نم تاريخ : 9 مئي 1930ع

نم اِستان : ميرپور خاص (سنڌ).

عليم : انٽرميجئيٽ

يشو : (جرنليزم) اخبارنويسي

سمپادڪ : ''راشٽريه پريم'' (هفتيوار)

يتر : پترڪار، ليکڪ، شاعر ۽ سماج شيوڪ.

يع ٿيل ڪتاب : ڪل اٺ ڪتاب، ڇهه ڪتاب مذاقي مضمون ۽ ڪهاڻيون، هڪ ڪتاب (شاعري) ۽ هڪ ڪتاب اخبارنويسي.

تابن جا نالا : (١) مهڪندڙ موتي (٢) ٻهڪندڙ موتي (٣) چمڪندڙ موتي (۴) انمول موتي (۵) اڻلڀ موتي (٦) ڪُجلي (مضمون) (٧) سوُرن سنڌي سوغات (شاعري) (٨) سنڌي اخبارنويسي (پترڪارتا) ۽ جدا جدا اخبارن، مخزنن ۾ ٽڙيل پکڙيل رچنائون، ليکَ ۽ شاعري.

اخبارون ۽ مخزنون : هندستان، هندو، سپون، ادبي چمن، رهاڻ، سنڌو مشعال، سمپتي، زندگي، مارئي، چوليون، الپ ورام (هندي).

ام : ٽن ڪتابن تي گجرات سنڌي ساهتيه اڪادميءَ طرفان.

ليل عهدا :
- پريزيڊنٽ، سنڌي ايڊيٽرس گلڊ
- وائيس پريزيڊنٽ، گجرات سنڌي پترڪار پريشد
- سيڪريٽري، آل اِنڊيا سنڌي پترڪار پريشد
- ڪنوينر، آل اِنڊيا سنڌي ليکڪ منچ.

غوليون : ادبي گڏجاڻيون، ليکڪ سيمينار، سنڌي ڪوي سميلن ۽ مشاعرا.
گفتگو آل اِنڊيا ريڊيو، اِنٽرويو ۽ ڪوي سميلن دوردرشن

ٿش : 14/1، اي-وارڊ، نيوُ بنگلا ايريا، سهجپور بوگها، احمدآباد-382345.
ٽيليفون نمبر : 079-22816290
موبائيل : 9924064046

